Sum

انڌولهه ٽين جي ماڻڪ



اندرلال سوماڻي "ويراڳي"

5-6 (129)

000129

انمول موتين جي مالها

آچي انڏيرو ماتا هن جڳت مان متايو
جو چانيل آ چوڏاري اُن ڏُنڌ کي هٽايو


اندرلال سوماڻي 'ويراڳي'

(ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم)
(ALL RIGHTS RESERVED BY AUTHOR)


ڪريجا پبلشنگ هائوس
بي ۴۱/۲۴۵، نوان بلاڪ
سنڌونگر-۴۲۱ ۰۰۵.
فون : ۵۲ ٦۰ ۲٦

ڏن ماتا ڏن پتا

هيءُ ڪتاب، سڪ ۽ شرڌا وچان ارپيان ٿو
پنهنجي پوڄنيہ ماتا ۽ پتا صاحب کي



پتا ديوان پارومل
هرچومل سوماڻي
(١٩٧٠-١٩٠٨)



ماتا پارپتي ٻائي
پارومل سوماڻي
(١٩٨٥-١٩١٦)

۾ ٿي. هن تنظيم جون پاڙون ايتريون وسيع پکڙيل ڪونهن پر اجا تائين پختيون ضرور آهن. تنظيم وارن جو گڏجاڻيون سرگرميءَ سان چالو آهن.

سنه ١٩٩٨ع ۾ چوٿين نمبر جي سوامي شانتي پرڪاش باغ ۾ سوماٽي سان ملاقات هم لوگه سرڪل جي جلسي جي سلسلي ۾ ٿي.سوماٽي هن باغ ۾ سرڪل جي چوپڙي ۾ اشتهارن جي سلسلي ۾ ايندو هو ۽ پوءِ هن هيمون ڪالاڻي لئبرري ادبي ڪلاس ۾ اچڻ شروع ڪيو. ان ڪان اڳ۾ مون ڪيس نوڪري جي دور واري زماني ۾ الهاسنگر اسٽيشن جي پهرين نمبر پليٽ فارم تي امبرناٿ ويندڙ لوڪل لاءِ بين اديب دوستن ڦتن پرواڻي ۽ ايشور آنچل سان ترسندو ڏٺو هو. فرسٽ ڪلاس جا مسافر هئا ۽ مونکي ٻئين نبمر پليٽفارم ڪان صاف نظر ايندا هئا ۽ ائين سندس چهرو سڃاتل ٿي ويو هو.

۽ پوءِ گهٽڻ ڏينهن ڪان پوءِ هڪ ميڙ ۾ مليو. هن ميڙ ۾ ڪيترا ئي دوست آيل هئا. هو به انهن ۾ شامل هو. مانائتو، سڀ ڪان نرالو اهم ۽ ٻاجهارو، اهڙا ۽ ڏاڍا مائيڻا ماڻهو منهنجو آدرش پئي رهيا آهن. هن جي ويجهي اچڻ سان من جو پاري وايو منڊل ڳرڻ لڳندو آهي. هو ڏاڍو گنڀير ڳوڙهو ۽ ٻاجهارو آهي. هن جي ڏات ۽ ڏاهپ ماڻهن کي موهڻ سان گڏ پنڊ پاهڻ به ڪري ڇڏينديون آهن. هن جي قرب پاٻوهه ۽ پنهنجائپ جي پاونائن جي پاڇي ۾ ويهڻ جو وجهه ڪونه وڃايو اٿم. ۽ سندس ڏات ۾ ڏاهپ وارا ٻول ٻڌا اٿم جي سندس نظمن ۾ ظاهر آهن.

پر سچ پڇو آءُ پوري هڪ مهني ڪان لفظن جي روپ نگر ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان ته متان ڪي جملن جون اهڙيون مالهائون ملن جيڪي پرشانت مهاساڪر جيڏي اٿاه، گنڀير ۽ اونهي ڏاهپ رکندڙ هن شخص جي نذر ڪير سگهان ۽ نه وري ڪو حوالو به ٿو اهڙو سڃهي جو ساڻس نسبت جي سڃاڻپ ڪري سگهان. هن دوست مون کي شايد ان ڪري مهاڳ لکڻ جي دعوت ڏني آهي جو منهنجو هن سان هڪ ڪو ته رشتو آهي اهو ڪيس خبر ! ؟

■ هن ڪتاب متعلق

هن ڪتاب ”انمول موتين جي مالها“ ۾ ڪي نظم جا ته ڪي نثر جا موتي داڻا آهن. ٿورا ڪٽائي سهي جي پڙهندڙن اڳيان اُميد ته قبول پوندا ۽ هي

مهاڳ

لڇمڻ ڪڪريجا 'مسافر'

■ سنڌي ادب جي تواريخ اصل ۾ سنڌي ادب جي هاڻوڪي سچي دور جي تواريخ آهي. جنهن ۾ نون لاڙن، رويتن ۽ روايتن جنم ورتو. تن لڳ ڀڳ هر هنڌ اهڙين تنظيمن جي نهڻ جي گهرج کي جنم ڏنو. جهڙي سنڌونگر-۳ جي او.ٽي. سڪيشن جي هم لوڳ سرڪل آهي. انهن لاڙن ۽ روايتن جي جنم وٺڻ ۽ اسري نسري هڪڙي ڇٽي پٽي شڪل مورت اختيار ڪرڻ کان اڳ۾ اسان وٽ نظم توڙي نثر جي پيداوار جو طور طريقو وڏي پيماني تي رائج هو.



روايت جو طور طريقو گهٽو ڪري پڙهيل ۽ ورسيل ماڻهن جي پنهنجي تفريح طبع ۽ ذهني اقرائش جو وسيلو بڻجي رهجي ويو هو. ٻين ٻولين جي ادب کي پڙهڻ ۾ ان جي اثر هيٺ اوسر جو عمل ٻين لولين جي ادب مان صحتمند لاڙي، رويتن ۽ روايتن جي چونڊ ڪري انهن کي پنهنجي سماج جي گهرجن ۽ اڪثريتي عوام جي مفادن پٽاندڙ ڪتب آڻڻ بدران اندي نقاليءَ جو شڪار ٿي بنهه کلڻ جوڳو، بي تڪو ۽ بي جوڙ ادب پيدا ڪندا ٿي رهيا.

ادبين جي انهيءَ حلقي پاڻ کي پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن، سنڌي جاتي جي تاريخي تقاضائن ڏانهن جوابدار ٿي سمجهو. کين پورو پورو احساس هو ته بهترين ادب سني زندگيءَ جي تخليق ۾ تعمير ڪري ٿو. نوان خيال ۽ فڪر علم ۾ عمل جون نيون راهون پئدا ڪن ٿا. بهترين ادب خود زندگيءَ مان پيدا ٿئي ٿو ۽ حياتيءَ جي حقيقتن مان ئي صحتمند ۽ سگهارا خيال جنم وٺي. موت ۾ زندگيءَ تي هاڪاري نموني اثر انداز ٿي تيزي جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

شري اندرلال سوماڻي به اهڙوئي تيزي سان اوسر ڪري اُڀري آيو آهي. هن مڪتبه فڪر وٽ قلم جي پاڪيزگيءَ جو تصور ڪنهن ڪنواري دوشيزه جي عصمت کان به وڌيڪ اهميت جو حاصل آهي. هم لوڳ سرڪل جي تحريڪ جي ابتدا سنه ۱۹۳۹ع ۾ ٿي. آها جاڻ مون کي سوماڻي سان ۱۹۹۸ع ۾ هڪ گڏجاڻي

ليکڪ جي قلم سان



اندرلال سوماڻي ”ويراڳي“

پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي ٻولي ۾ چڱي طرح سکيا هجي، پنهنجي ٻولي ۾ گهڙي به سکيا پرائي سگهجي ٿي. ڀل انجنيري هجي، ڊاڪٽري هجي. سائنس هجي وغيره. مان وڪيل ته پيشيور آهيان ۽ ساڻ ساڻ ٻيو ڪجهه به گهٽو آهيان. ۽ ان ٻئي ڪجهه مان مونکي شاعري ۽ مضمون نويسي جو به شونق آهي. منهنجون ڪافي رچنائون پنهنجي پياري سنڌي ٻولي جي گهڻن ئي مخزنن، ماهوار، هفتيوار ۽ پڻ روزانين ۾ شايع ٿيون آهن جن مان هندواسي، هندو، هندستان ۽ نگرنيوز مکيه آهن.

ڪنهن به کيتر ۾ ڪم ڪري ڏيکارڻ لاءِ جارو (Niche) ملندو آهي. اهو جارو مونکي تڏهن ملندو جي ڪواهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو هجي. ساهتڪ کيتر ۾ مونکي شونق آهي. ڪافي رچنائون ڇپيون به آهن پر ڇڙو ڇڙ ۽ ٽڙيل پکڙيل آهن. ريزڪي آهن. ان ڪري مونکي منظور نظر ڪونه ڪيو ويو آهي. ۽ مون لاءِ ڇا پر هر ڪنهن لاءِ ڪافي ضروري آهي ان ڪري مون پنهنجي ڇپيل رچنائن کي ڪتابي صورت ڏيڻ جو سوچيو ۽ هي ڪتاب ”انمول موتين جي مالها“ توهان جي هٿن ۾ آهي.

سچ پچ سوچڻ ۽ اصلي روپ ڏيڻ ۾ رات ۽ ڏينهن جو فرق آهي. جيڪي تڪليفون مونکي درپيش آيون آهن مان اهو سوچي انهن ليکڪن ۽ ڇپائيندڙن جي مرحبا ۽ واهه ! واهه ! ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان ته ڪيئن اهي بنا ڪنهن اجوري جي هر ٽين مهني ڪا مخزن شايع ڪن ٿا ۽ وري مفت ورهائن ٿا. جن جو قدر ته ڪونهي ماڳهين نظر انداز ڪيو ٿو وڃي. مونکي به اهڙو ڪجهه ڊپ ٿئي ٿو ته ڪٿي مان به نظرن ۾ منظور ٿيڻ بجاءِ نظر انداز نه ڪيو وڃان ڪي وري ڪڏهن ڪو ڪتاب شايع ڪن ٿا. جيئن مون هي ڪتاب شايع ڪيو آهي. تڪليفن ڪي ڏسي مونکي انهن سان به همدردي آهي. مون محسوس ڪيو آهي

ڪتاب ڪڍڻ ڪان ڪيچ تائين مخصوص ٿيندو. سوماٽيءَ جي منزل سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪرڻ جي ارادي واري آهي ۽ هي ڪوشش تڏهن ته ان پنڌ ۾ شروعات ضرور آهي. هن ڪتاب ۾ سواءِ نثر جي باقي نظم سندس تخليقي آهن ۽ نثر املي هوندي به تخليقي ڪونه آهي. سندس نثر دهرايل آهي پر اچ ڪلهه جي پيڙهي لاءِ نئون ضرور ۽ لازمي آهي. ماسٽر چندر ڪير آهي. پرسرام ضيا ڪيرا هو وغيره. ورلي ڪنهن کي خبر هوندي. سندس سموري جاکوڙ جهد، ارپنا سچائپ ۽ ان جي اپٽ کي جيترو ٿي سگهيو آهي ڪتاب جي محدود دائري ۾ ڪٺي سگهيو آهي. جوٺي سندس ٽوپي ۾ مکيه ڪنپ آهي جو سندس علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اچ جو دور وڏو اهڃاڻ آهي.

هن ڪٿ جون نثر توڙي نظم جون گهڻو ڪري سڀ جون سڀ رچنائون هندواسي، هندستان، هندو ۽ ٻين اخبارن مخزنن وغيره ۾ ڇپيل آهن ۽ هي سندن هڪ مجموئو آهي. سوماٽي جي رچنائن نثر توڙي نظم مان حوالا ڏيئي پاٺڪن کي پڙهڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان. مان چاهيندس ته هي ڪتاب دوستن جي سامهون آهي ۽ پاڻ پڙهي خاطري ڪن ته سوماٽي ڪهڙي طرح ادب جي هن ٻنهي ڪيترن ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ پاڻ متاثر ٿين. نظم جا به ڪيترا بند ڏيئي ڪيترا بند ڏجن جي واهه واهه لاءِ منظور نظر آهن.

آءٌ اچ به ان ڳالهه جو قائل آهيان ته سنڌي ادب ۾ صحيح اجورو ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ جي روايت ٿيڻ کپي. پر جي ائين نه آهي ته جتن ڪري ڪتاب کي چڱي طرح پڙهي ڪڙهي موٽ ۾ به اکر لکڻ سان سنڌي ليکڪ کي پورو پورو اجورو نصيب ٿيندو. اهو منهنجو پنهنجو ذاتي رايو آهي.

■ انت ۾ آءٌ ائين چوندس ته هي ڪتاب 'انمول موتين جي مالها' سنڌي ادب جو شاهڪار ته نه پر گهٽ ۾ گهٽ ادب ۾ هڪ اضافو سڏبو اها خاطري اٿم ته هي ڪتاب سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾ به قدم اڳتي وٺي ويندو. هي ڪتاب ان جو ثبوت آهي. هوندن به ڪو ورلي اهڙو ڪتاب پيو ڇپجي جنهن ۾ محض ۽ صرف ادب جي چاشني هجي. يا مقصديت لاءِ ڪوشش شبهو به هجي.

جئه سنڌي.

فهرست

تہ ڪتاب شايع ڪرڻ مڪڻ جي شيخ پچائڻي آهي. ڇا تتو ڪپي ؟ پئسو، پتڪڻ، پريسن ۾ هر هر وڃڻ. پروف چيڪ ڪرڻ ۽ اُهي تڪليفون جي اڄ جي پرشتاچاري جڳہ ۾ درپيش آيون آهن. توبھ آهي پر ڇا ڪجي ؟ مون کا ڪنهن تي مهرباني ڪونہ ڪئي آهي. پاڻ سان ئي ايماندار رهيو آهيان ۽ ان ڪري ڇوان ٿو مون پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب شايع ڪيو آهي. پنهنجي تڪليفن جو تہ ڪو ويچ نہ ڪو طبيب. اها ڇوڻي تہ مشهور آهي. هيو ڪو رستو ڪونهي پنهنجن شونقن لاءِ انسان ڪجھ بہ ڪندو آهي. ۽ مون هي ڪجھ ڪيو آهي.

منهنجي خوش نصيبي آهي جو مونکي شري لڇمڻ داس ڪڪريجا جهڙو رهنما مليو جنهن جي رهبريءَ هيٺ اپياس جي آراڌنا سان رچنائن (نظم ۽ نثر) روپي مورتن کي ڪاغذ تي آڻي هن ڪتاب ناهڻ ۾ جدا جدا قسمن جا موتي ناهي ”انمول موتين جي مالها“ بڻائڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان جو اوهان کي ارپت ڪيان ٿو.

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ دنيوي، پنگتي، ديش پريم ۽ ڌرمي حالتن کي نزديڪيءَ کان ويچاريو آهي ۽ انهن ويچارن کي پنهنجي رچنائن ۽ مضمونن ۾ ظاهر ڪيو آهي. خلق جي خدمت ۾ خالق ضرور ملندو آهي. هڪ دفعو توهان سچي تن، من يا ڌن سان ڪنهن ضرورت مند انسان جي شيوا ڪري ڏسو ۽ پوءِ توهان کي ائين محسوس ٿيندو تہ توهانجي من ۾ آنند جي ترپتي ٿي ويئي آهي انهيءَ آنند ملڻ سان اِنسان پرماتما کي پائي ٿو.

مان شڪر گذار آهيان هم لوگہ سرڪل سنڌونگر-۴ ۽ انهن جي ميمبرن سَروَ شري هوتو هريسنگهاڻي، سندر واسواڻي، اِندر منشاراماڻي، اشوڪ (ساڌو) هريسنگهاڻي، شريمتي مونا دوداڻي ۽ ڪماري راڻي ماڪيجاڻيءَ جو، جن منهنجي اندر جي خيالن کي هن ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ سهڪار ڏنو آهي.

ايشور دَرِ پرارٿنا آهي تہ پنهنجا سنڌي ڀائر ۽ ڀينر هن ڪتاب ۾ شايع ٿيل ڪويتائن ۽ مضمونن کي پڙهي منهنجي خيالن ۽ ويچارن تي ڌيان ڏئي من سان هنڊائيندا تہ مان سمجهندس تہ منهنجي محنت سڦلي ٿي آهي.

جئہ جهولي لعل



گڻ وندنا

هي مهاديو نندن نمسڪار اسان جو سويڪار ڪر
هي گؤري نندن شرڌا اسانُ جي انگيڪار ڪر
هي موشڪ واهن مِهرَ جي نظر مسڪينن تي ڪر
هي منگل دايڪ اسان نربلن کي ٻلوان ڪر
هي وِگهن وناشڪ اسان دکين جا دکہ دور ڪر
هي گڻ ناٿا اسان کي درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪر.

★

گيت

جهولي لال

جهولي جهولي جهولي جهولي لال

(۱) هٽڙا جوڙي سيس نوايون
سڪ سان سانول جوت جاڳايون
آهيو دين ديال ..... جهولي جهولي .....

(۲) وَرُڻ ديو سنڌ جا اوتاري
نصرپوريءَ تيا نرواري
ڪيَو انيڪ ڪمال ..... جهولي جهولي ...

(۳) جٽئي تلڪ جي لڄا بچايوَ
مَرِڪہَ جهڙي کي اوهان مچايوَ
سنڌ جا آهيو رکپال ..... جهولي جهولي ...

(۴) اَڄ بہ هرهنڌ موجون مچائن
درشن ميلا پلوَ پائن
ڪيو تا سڀ جي سنڀال ..... جهولي جهولي ...

(۵) آس وندن جي آس پڄائين
چوي 'ويراڳي' پار لڳائين
ڪٽي دکہ جنجال ..... جهولي جهولي ...

★

گيت

رام نام

جيڪو رام جو نام وٺي هلندو
سندس نالو امر دنيا ۾ رهندو
(۱) اِها مالها پريم جي سنڀالي رکجو
نہ تہ انمول موتي وچڙي ويندو.

جيڪو رام جو ...

(۲) اِهو نہ پڇو هلي ڪيڏانهن وڃبو
جيڏانهن اُهو موڪلي، اوڏانهن وڃبو

جيڪو رام جو ...

(۳) مڃو نہ مڃو آهي مرضي اوهانجي
’ويراڳي‘ چوائي ياتري هليو وڃبو

جيڪو رام جو ...

★



ماءُ

١- ماءُ پرماتما آ ـــ جنھن پئدا ڪيو سنسار
ماءُ جنم داتا آ ـــ جنھن سور سھي ڪيو سڀ ڪي تيار
٢- ماءُ گيتا آ ـــ جنھن سيکاريو سچو سار
ماءُ شاستر گرو آ ـــ جنھن سڀ ڪي بڻايو لائق ٻار
٣- ماءُ جنم ڀومي آ ـــ جتي نمرتا سان نمي نھار
ماءُ جنتا جناردن آ ـــ جنھن جو آھين قرضدار
٤- ’ويراڳي‘ قرض، فرض ۽ مرض کي ـــ ڪڏھن ڪين وسار
ڪندءُ ڪرتار توکي لعل ـــ ۽ قول جي ڪيا تو پنھنجا پاڙ

★

گيت

گيان ديوي

هي شاردا ما! ـ هي شاردا ما!
اگيانتا کون اسانکي ـ تون پار کر ما!
(۱) سُرَ جي تون ديوي ـ تون سنگيتُ آن ما!
هر شبد تنهنجو آ ـ چڻ گيت هر ما!
(۲) آهيون اسين اڪيلا ـ تو بِنِ آهيون اڌورا
شرڻ تنهنجي آهيون ـ ڏي پنهنجو پيار ما!
(۳) رِشِين توکي سمجهو ـ گُڻين توکي جاتو
ويدن کي تو سمجهو ـ پراڻن مان بہ پر ما!
(۴) اسان بہ تہ سمجهون ـ اسان بہ تہ جاڻون
اسانکي بہ وديا ـ جو حقدار کر ما
(۵) تون سندر سهاجهي ـ براجين ڪَمَلَ تي
هٿن ۾ تنهنجي ويڻا ـ سهڻو مُڪُٽ سِرَ ما!
(۶) اندر مان اسانجي ـ مِٽاءِ تون انڌيرو
ڏي سنسار اسانکي ـ وديا جو چمڪندڙ ما!

★

گيت

ماتا پتا پيارا

آڪاش ۾ آهن جيسين سج چنڊ تارا
سلامت رهن شال ماتا پتا پيارا

(١) تيرٿن ڪان بہ پوتر آهن دليون ماتا پتا جون
دک سک سهن ٻارن جا ۽ ٻيون ڏنگايون
دل جي دڙڪن انهن جي پڪاري پيئي دعا
سلامت رهن شال ماتا پتا پيارا.

(٢) سزائون ڏين تا خطائن لاءِ، تو مڃجي
دعائون بہ ڏينهن رات ڪندا رهن، تو چئجي
تڏهن تہ ٻار دعائن ڪري لڳن تا ڪنارا
سلامت رهن شال ماتا پتا پيارا.

(٣) ڏکائي جو دل پنهنجي ماتا پتا جي، چون تا
رنجائي تو ايشور کي آڪاش ۾، سمجهن تا،
توڙي ماتا پتا آهن پوتر انهن جا
سلامت رهن شال ماتا پتا پيارا.

★

نظم

دردوندن جي دانھن

(۱) دربار تنھنجيءَ ۾ ھڪ عرض آ ماتا.
اسان دردوندن جي اِھا دانھن آ ماتا
(۲) اڄ ظالم زماني تہ برباد ڪيو آ
اسان وٽ جو ڪُجھ ھو لُٽي غير آباد ڪيو آ.
(۳) روز ماتا اسان مٿان مصيبت ئي مصيبت آ
ستايو بي دردين آ ڏني دقت ئي دقت آ.
(۴) جنھن کي سمجھو ھو پنھنجو، منھن اُنھن آ موڙيو
دل کي دکي اِن غم ڪيو ۽ دلين کي آ توڙيو.
(۵) ڪنھن سان حال دل جو پلا اسان اوريون
درد پنھنجا تا ماتا تنھنجي در کوليون.
(۶) اڄي انڌيرو ماتا ھن جڳت مان مٽايو
جو چانيل آ چوڌاري اُن ڌنڌ کي ھٽايو.

★

نٽ کٽ نند ڪشور

(۱) جَھل تون جسوتا پنھنجي موھن کي مار نہ کائي
اچي گھر گھر ۾ پيچي متکيون مکڻ چورائي
(۲) جَھل تون جسوتا پنھنجي شيام کي شرم نہ پائي
ڪٽي وستر سکين جا نديءَ تان تو وڻ ۾ لڪائي
(۳) جَھل تون جسوتا پنھنجو ڪَنئيو ڪم کان نٽائي
گايون چڏي گوالن کي ڪٽي بن ۾ پتکائي
(۴) بڌي دانھون جسوتا ڪرشن کي وڻ سان بڌائي
ڏياري سزا سانولي کي دل پنھنجيءَ کي دکائي
(۵) سھي نہ سگھيو شيام جيجل جي دل کي دکائي
شانت ڪيو چت جسوتا جو ’ويراڳي‘ روپ وراڻ ڏيکاري.

★

مکڻ چور

آمان کونہ کاڏو مکڻ مون چورائي!
چوٽي ڏوہ ڏين مون تي پاڻ کي ڏکائي؟
امان کونہ کاڏو مکڻ مون چورائي.

(۱) جمنا کناري جو گوالن سان تي کُڏيو
مرلي وڄائي مون اُنهن سان تي نچيو
بکہ لڳي گهر آيس مان ڏُک پائي
امان کونہ کاڏو مکڻ مون چورائي.

(۲) نہ کا پڳي مون مٽکي نہ کئي چوري
امان کيئن ائين تهمت مون تي لڳائي
مون کي کيئہ کيئن ڏاريو ٻڌائي
امان کونہ کاڏو مکڻ مون چورائي.

(۳) نند جو لال آهيان چور جو سڏايان؟
کمي کهڙي گهر ۾ جو مکڻ چورايان؟
ٻڌي يشودا کرشڻ کي کِليو، گلي لڳائي
امان کونہ کاڏو مکڻ مون چورائي.

(۴) کاڏو نہ مکڻ کو چورائي منهنجي کرشن
اجايو ڏوہ ڏين تيون گواليون اُها گوالڻ
چا جاڻي هيءَ چوريءَ مان، چوري چا آهي
منهنجي کرشن نہ کاڏو مکڻ کو چورائي.

★

انسان بڻيو بيڪار

(۱) اڄ پرماتما پرٿويءَ تي، هت پاپ پرشٽاچار وڌيو آ
پاپين جي وڌيل پاپن جي، هت گرماگرم بازار جو آ.
(۲) اڄي پاپ هت سڀ ڏس، بدليل هر رنگ ڍنگ جو آ،
بنا انصاف ڪرڻ تنهنجي، تيڻو اُڌار نہ ڪنهنجو آ.
(۳) هيءُ سنسار مون ڏٺو آ، جت ڪوڙ چوري ۽ دوکو آ
اِنهن رشوتخورن ۽ پاپين، لاچار سيني کي ڪيو آ.
(۴) وينا بڻجي برهمڻ آهن، آفيسن ۾ ڏٺو آ،
آ رهڻ سچن جو مشڪل، نہ ڪوئي پڪار ٻڌڻ وارو آ.
(۵) سئمپل پيي پريا وڃن تا، واپار ۾ ملاوت پيي آ،
مُنائن موج ڪوڙا ۽ پاپي، ڌيان سرڪار جو نہ ويو آ.
(۶) تا کل لاهن ڌيئرن وارن جي، پُٽن وارن بہ ڌنڌا کوليا،
غريبن جو جيئڻ مشڪل آ، بيڪار انسان بڻيو آ.
(۷) بڻجڻ چاهن ائڪٽريسون، اڄ جي نارين جو ويچار آ
ڇڏي ڪرٽي سيتا ۽ راڌا واري، جوڙيو فئشن جو ناتو آ.
(۸) پيئن سگريٽ شراب ۽ بيو کائن ماس، وت وڌائي ۾ پائر بڻيا
جت ڪٽ ڏس هزارين آهن، ڌيان نہ ڌرم ڪرم جو آ.
(۹) ساڌوءَ ۽ راڳيءَ بہ، آ ڪيو پرچار جنتا ۾
بڻائي ششن کي عادتي، ڌنڌي جو دڪان کوليو آ.
(۱۰) ’ويراڳي‘ ڪنهن ڪنهن جي ڪٿان لکان، سچ جي نشاني اڄان بہ آ
ڏيندو شڌ ٻڌي سائين ناٿ، اُنهن پوءِ سداچار اڇٿو آ.

★

اج جو زمانو

(١) اج جي زماني آ ديش کي بگاڙيو
رشوت بي ايمانيءَ آ رعيت کي رُلايو
آ هرهنڌ ڪوڙي جي ئي بول بالا
سچي ايماندار کي آ ملڪ مات ماريو

(٢) بنا رشوت جي ٿئي نہ ڪو وري ڪم ٿو
بنا خوشامند جي نہ ڪو ملي انعام ٿو
ترقيءَ لاءِ بہ ڪجي ٿي ڪا چاپلوسي
بنا چاپلوسيءَ جي ٿئي نہ ڪو اقرار ٿو

(٣) رڳو کائڻ ءِ پيئڻ ڪا ناهي زندگي
رنگ راڳ نچڻ وري ناهي زندگي
خلق جي خدمت ئي بندگي آ 'وبراڳي'
رڳو آنند وٺڻ آ ناهي زندگي.

★

رباعي / ماءُ

ماءُ پيءُ جو آهي سچو پيار
ڪري قادر نہ ڪنهنکي ڪنهن کان ڌار
نہ تہ ويڳاڙو تي گهمندو وتندو اُهو ٻار
اچ اچ ۽ اچ او جيجل ماءُ
ڪر سار سنڀار ۽ ڏي ٻار کي پنهنجو پيار.

....

رباعي

گيت آ اُنجو، جو ڄاڻي تو ڳائڻ
ساز آ اُنجو، جو ڄاڻي تو وڄائڻ
زندگي آ اُنجي، جيئڻ جو ڄاڻي تو
پرماتما آ اُنجو، جو ڄاڻي تو پائڻ.

....

بيت

پسڻ جي چاهين پريوءَ کي
تہ ڪر ويراڳي وئراڳہ
ڇڏ سڪہ سڀ سنسار جا
ماڻج تون ويراڳي ماڳہ.

★

قدرت جو قهر

(۱) ۲٦ جنوري ۲۰۰۱ع پرجاوادي ڏينهن تي،
تي پرجا ٻاهر پٽ ڌرتيءَ جي ڌڏڻ تي.
(۲) قدرت ڪيو قهر آ ڀڄ ۾ ڀوڪمپ روپ ۾،
زندگين سان ڪيڏيو آ ڪڇ ۽ گجرات ۾.
(۳) جيئرن ماڻهن مٿان گهر جو اچي آهن ڪريا،
سيڪنڊن ۾ سودا ٿيا جيئڻ جا مرڻ جا.
(۴) جان ۽ مال وڃائي ماڻهون گهر ڪان بي گهر ٿيا،
نير وهائي نيڻن مان نيڻ تن جا خشڪ ٿيا.
(۵) اسڪولي ٻارن انجار ۾ ڏني سلامي ترنگي کي،
کهڙي خبر ڪين موت ۾ ملندي سلامي سندن مرٽي کي.
(٦) ٻچائوءَ جي ڪسبي ۾ ٿيا شاديءَ جا شادمانا شغل
ڏوليءَ بدران نڪتي آرٿي جشن بدران ماتم ٿيو هڪ پل.
(۷) انسان اهنڪار ۾ اچي وڏو پاڻ زوراور سڏايو آ،
پر قدرت جي سامهون زور ڪنهنجو ڪونه هلي سگهيو آ.
(۸) ڪروڙ انسان جي ڪي انسان سنڀالي ٿو سگهي،
پر ڪروڙ قدرت جي تي نه وس ڪنهنجو ٿو هلي.
(۹) ايشور ڏيندو ساڃهه ڪري ديا اُنهن اڳوانن کي،
جي شيوا ڪندا پيڙتن جي، سمجهي ڀڳوان اُنهن کي.

★

سائين ھر رنگ ۾

سائين، اوھانکي نراڪار آ چاتو
اوھانجو ھرھنڌ آڪار آ سڃاتو.

(١) ڪتي راجا بڻين ڪتي رنڪ بڻين
ڪتي سوالي تي تو منگتو بڻين.

(٢) ڪتي ساڌو تي تو تپسيا ڪرين
ڪتي نڳہ تي تو نڳي ڪرين

(٣) ڪتي منصب تي تو انصاف ڪرين
ڪتي بڻجي گنھگار تو پاڻ ڦاسين.

(۴) ڪتي ماتا پتا تي، تو پالن ڪرين
ڪتي ٻارُ بڻجي، تو روئين ڪلين.

(۵) ڪتي حاڪم بڻجي تو حڪومت ڪرين
ڪتي رعيت بڻجي تو عرض ڪرين.

(٦) ڪتي پنڊت بڻجي تو ڪٿا ڪرين
ڪتي شروتا بڻجي تو ڪٿا ٻڌين.

(٧) ڪتي درشيہ تي تو اِستت رھين
ڪتي درشڪ تي تو درشن ڪرين.

(٨) 'ويراڳي' پنھنجا ڪيل تو پاڻ ڏسين،
سائينءَ کي ھر رنگ ۾ تو ڏسين.

★

غزل

مونکي بي رنگہ چو تو چئين؟
تون رنگن وچہ پلا تو وسين!

(۱) ڪٿي بڻي تون سج جو سوجھرو
ڪٿي چنڊ جي چانڊٺ تو ڪرين

(۲) ڪٿي بڻي بادلن مان برساتي بوندون
ڪٿي باڦ جي آلاڻ تو بڻين

(۳) ڪٿي بڻي بجليءَ جو چمڪو،
ڪٿي ڪکرن جي ڪارائڻ تو ڪٽين.

(۴) صبح جو تون سون جھڙو
اُفق وٽ رنگيل ڳاڙھو تو لڳين.

(۵) اُڀ ۾ آھين ڳرہ، تارا ۽ ڪتيون،
بيءَ طرف تون اڪٽ نيلاڻ تو رڱين.

(٦) ماڪ موتين جو ھار بڻجي،
سينگار ساوڪ جو تو ڪرين.

(۷) ھيرن ۾ ھلڪاڻ بہ آھين،
ڳٽن جي تون ڪاڻ تو ٺاھين.

(۸) لعلن ۾ لالڻ آ تنھنجي
خوبين جو خزانو تو آٽين.

’ويراڳي‘ پنھنجي ليلا پاڻ پس تون
مونکي ھر وقت ھر صورت ۾ ڏس تون.

★

هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي

ڪنهن تي ڇا ڇا گذري ٿو، هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟
رام ئي ڪرڻ ڪرائڻ وارو آ هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

(١) جيون ڏاڍو هو لاڏلو ۽ سکي ٿيو آ هاڻي اناٿ ۽ دکي
اڄ پيريءَ ۾ سياڻ پاڪر ۾ آ هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

(٢) اميري غريبي ڏني سيني آ نہ پلجون سکيا جا وڏن ڏني آ،
آ جيت اُن جي جو ڪري ٿو محنت هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

(٣) پردو لاهي اکين تان پاڻ سنڀال، سُڃاڻ سچ کي ۽ ڌرم کي پال،
پل پل ڪشٽن ڪان جو گذرندو آ هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

(٤) گلن جي سيجا يا ڪنڊن تي سمهون ڪهڙيءَ طرح بہ جيون پيا پلجون،
بس سچو سهارو پيو ڏسجي رام جو هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

(٥) 'ويراڳي' تنهنجو فقير تنهنجا گڻ ڳائيندو ڪڏهن نہ دنيا ڪان مڪتي پائيندو،
فقير نہ ڪڏهن ڪنهن واد ڪان ٻجندو هيءَ نادان زمانو ڇا ڄاڻي؟

★

مينهن

(۱) مندائتي مينهن هِتِ - چوماسو چڱو آندو آ
آٽي چمڪاٽ ڪڪرن ۾ - وسيو مينهن وڏڦرو آ.

(۲) ڪنوڻ جو ديدار ڪرائي - مبارڪ ماڻهن کي ڏني آ
جانب سان جلد ملڻ لاءِ - دل کي آٿت ڏنو آ.

(۳) هارين هرَ جو ڪيڙيا - انبار اناج جا آندا
سک ۽ سهنگائيءَ ماڻهن ۾ - آندي خوشي ۽ سوجهرو آ.

(۴) غريبن جي دلين تي - مينهنڙي ٻاجهہ ڪئي آ
ڏکر ۽ ڏڪارين ڪان - محبوب ڏور ڪيو آ.

(۵) گلزارين گلن جي - باغن ۾ بهار آندي آ
گلن جو هار پوئي - نارين موج مان پاتو آ.

(۶) پٽر ۾ گهوڙن جي - ڏُک ٻوڙ ڏني آ
چوپايي مال کي چرندو - چراگاهن تي پسيو آ.

(۷) آواز ڏڏ ولوڙڻ جا - اسُرَ جو ٻڌبا آهن
مکڻ هٿن ۾ يري - نارين خوب ڪارايو آ.

(۸) تارا پکين تنواريو - چاتڪن لات آلاپي آ
سونهن ۽ سڳند جو واسو - ساوڪ ۽ سيج سان ٿيو آ.

(۹) محبوب مينهن منهنجي - وسڻ جو لباس پهريو آ
ڏيئي ديدار 'ويراڳي' - ڪائنات کي آسودو ڪيو آ.

★

نظم

تقدير

(۱) اُڏامي تو انسان وشال آسمان ۾ تقدير جي ڪلڻ سان
لڙهي تو انسان سمنڊ جي وچ سير ۾ تقدير جي قرڻ سان.

(۲) لکن تان لاهي وهاري تي ڪکن تي ئي تہ تقدير
سکل پنن جيان هوا جي هير ۾ پنائي تي تہ تقدير.

(۳) جن تي فخر ورتو گڏ گهمڻ ۽ گڏ رهڻ جو
تن بہ اظهار ڪيو منهن موڙي نہ ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ جو

(۴) ڪالهہ پيرَ جنِ تي چُميا اَڄ دَرَ تان تن آ ڌڪيو،
قدرت جي قادر قسمت کي هڪ زنجير ۾ آ جڪڙيو.

(۵) ڇڙهيلن جو يار تيڻ جي عادت آ سڀ کي، ڪِريلن جي پرواهہ نہ آ ڪنهن کي
’ويراڳي‘ پاويءُ جي پيڙ ۾ پڳوان شال نہ وجهي ڪنهن کي.

(٦) هلندو موھ، پيار ۽ خيال نہ آ سدائين
هلندو راجا جو راڄ بہ نہ آ سدائين.

★

من مارڻ

دنيا ۾ سنساري سک مليئہ تہ ڇا ٿيو
رب نہ مليئہ ٻيو سڀ مليئہ تہ ڇا ٿيو.

(۱) پل ھڄين ڏنوان ساڻ لشکر سپاهي،
ٿيندءِ منهن مسڻ ڏي، جي ملڪ کٽيئہ تہ ڇا ٿيو.

(۲) پڙهي ٿئين جي پنڊت نہ ڪري ڪڙهڻ کي شامل،
جي ٿئين نہ پورڻ پاڻ پوءِ پوٿيون لکيئہ تہ ڇا ٿيو.

(۳) هٿ ڳٽيءِ جي ٻاٽا ڪانهي، هِٿ دولت ۽ دنيا
هٿ ڪر تون هو خزانو، مال ميڙيئہ تہ ڇا ٿيو.

(۴) ڏکہ سور ڏسندي ويري سچا وساريئہ
پنهنجو پاڻ نہ ماريئہ دشمن ماريئہ تہ ڇا ٿيو.

(۵) آهي 'ويراڳي' ارمان ڪيو ٻيائيءِ آ بي ايمان،
ماري نہ ڪڏيئہ جي مان مان کي، رام نام جپيئہ تہ ڇا ٿيو.

★

پريتم جو پيار پاتو

(۱) اکين جو تون نور آهين، اکين کان تون ڏور آهين
پڪاري توکي مري ويندیس، پل تون اچين نہ اچين.

(۲) دل ۾ آ پيار تنهنجو، زبان تي آ اقرار تنهنجو،
ديواني آهيان پيار تنهنجي ۾ آجهل، تون اچين نہ اچين.

(۳) منهنجا همراز ڪٿي آهين مونکي ڏي آواز ڪٿي آهين،
نهار پيار پريل اکڙين سان، هڪ پل، تون اچين نہ

(۴) لڪي ڇُپي اچڻ وارا، دلين کي ملائڻ وارا،
رهنديس سدا تنهنجي پيار ۾ وياڪل، تون اچين نہ اچين.

(۵) آيو آهيان سامهون نہ لڪي ڇُپي، پيار آ ۽ منهنجي پريت سچي
پرواه نہ ڪري دنيا جي وجهہ ڏنو اتم،
وري نہ چئجان ڪنهن مهل، تون اچين نہ اچين.

★

نشو نامر جو

جي ڪيو تو عمل ـ شراب ڀنگہ چرس تي
ناس ڪندءِ اِهو نشو ـ سرير جو سڄرو ٻل
ساڙي رڳون سُست ڪندءِ ـ ڳالهائڻ ڪندُءِ چڙچڙيل
۽ حوش حواس چٽ ڪري ـ ٻڻائيندُءِ ٻي عقل
نشو پيئڻو آ جي توکي ـ وٺ نام جو نشو نرمل
ڪر سرير کي سڦل ـ پي 'ويراڳي' پريم سان.

★

آزاد نظم

ملي ٿو مزو

شرابيءَ کي ملي ٿو مزو ـ مَي پيئڻ ۾
جوئاريءَ کي ملي ٿو مزو ـ پاسا پلٽڻ ۾
وئشا کي ملي ٿو مزو ـ ناز ڏيکارڻ ۾
چور کي ملي ٿو مزو ـ مال چورائڻ ۾
واٽين کي ملي ٿو مزو ـ اکيہ وڏائڻ ۾
اِي بشر مزو تہ ڪجهہ بہ ناهي اِنهن ۾
جي آهي تہ رام نام گڻ ڳائڻ ۾.

★

پيالو پريم سڪ جو

(۱) پيالو پريم سڪ جو، تو جو پياريو آ،
تنهنجي نہ ملڻ مونکي، ازل ۾ وڌو آ.

(۲) شمهي پيئي هيس مزي سان، نيل گگن هيٺ
جُٽ ِتي مون سان جڏهن، جاڳايو ڪنهن ياد نيٺ.

(۳) ياد، محبت ۽ غم ۾، مون پاتي پايل آ،
نرتڪيءَ جيان نچيو مون، هڪ تصور ۽ خيال آ.

(۴) هرَ هرَ تڙپائڻ مان، چا تو مليئي ساجن
آس ملڻ جي رکي آ، مون توسان اي مَنَ.

(۵) لڳي ڪُڇ هِنَ طرح تو، مونکي هر پل پل
پيالو جو پيارئہ تہ تڙقان وَهنِ آنسون اجهل.

★

غزل

زندگي ڇا چيز آ

(١) ڪهڙي خبر، بي درد وارن کي، زندگي ڇا چيز آ!
عشق ڪري ٿي، پوءِ ڪن ڄاتو، زندگي ڇا چيز آ!

(٢) چئي نہ سگھيا چَپَ اُن کي، دل جو حال، آ هئڙو،
سمجھ ۾ نہ آيو اُن کي، خاموشي ڇا چيز آ!

(٣) اُن سان نظرون، ڇا مليون، باغ گلزار ٿي ويو،
خبر پيئي، پيار جي، جادوگري ڇا چيز آ!

(٤) اُن جي مهڪندڙ مکڙي ٻڌايو، شاعري، آهي ڇا
جهڪيل اکڙين، اِهو سُٺايو، خماري، ڇا چيز آ!

★

سُهڻن جي عنايت

(۱) سُهڻن سان سهڻن کي عداوت تي ويندي آ
جوانيءَ سان جوانيءَ کي شڪايت تي ويندي آ.

(۲) سَهڻِ تا جفا، وفا ڪرڻ وقت ڪِلي هميشهہ جي،
پر جي چڏيو اُنهن منهن ڦيري تہ قيامت تي ويندي آ.

(۳) زماني ۾ ناهي قدر دل وارن جي دردن جو
پر سُهڻن جي اُنهن تي عنايت تي ويندي آ.

(۴) وينا آهن ڪٽي موهيندڙ مورتون جي پنهنجي نظرن ۾
اُنهن کي نظرن چورائڻ جي عادت تي ويندي آ.

سُهڻن سان سُهڻن کي عداوت تي ويندي آ
جوانيءَ سان جوانيءَ کي شڪايت تي ويندي آ.

★

ڪِلي پاڻ گذاريان تو

(۱) جڏهن عشق جو غم ستائي تو ڪِلي پاڻ گذاريان تو
جڏهن ڪو واقعو ياد آٿي تو تہ ڪِلي پاڻ گذاريان تو.

(۲) عشق جي اُجڙيل دنيا ۾ آشا جو ديپڪ
اچي جڏهن ڪوئي جلائي تو تہ ڪِلي پاڻ گذاريان تو.

(۳) ڪا داعوئِ ناهي ڪو فرياد ناهي، نہ ڪو رنج آهي ڪنهن سان
پاڻ تي رحم جي وري تو 'ويراڳي' تہ ڪِلي پاڻ گذاريان تو.

★

ڪري وٺ پيار

ڪري وٺ پيار، ڪري وٺ پيار
نہ همت هار، ڪري وٺ پيار.

(١) ڪڏهن انڪار، ڪڏهن اقرار،
ڪڏهن تڪرار، ڪري وٺ پيار.

(٢) بهادر پيڪيدار، هنج ۾ نار،
ڪر اکيون چار، ڪري وٺ پيار.

(٣) ٻڌي للڪار، سجاء هٿيار،
مَرُ يا مار، ڪري وٺ پيار.

★

ستارن جي وچ ۾

ستارن جي وچ ۾، پئي چنڊ هئن چيو
مون جئن ڪونہ ڪو ٻيو، آهي سندر سنسار ۾
پسي جلوو سج جو، ويو چنڊ ڇُپي
مرڪيو ستارن لڪي هٺ جي هارائڻ تي.
سهڻن تي سهڻا، پيا آهن سنسار ۾
مهڻن تي مهڻا، حُسن ڏئي تو حُسن کي.

★

غزل

جانب

(١) تنھنجي جھول ۾ آ کمي ڪانہ ڪئي،
تنھنجو دَرُ سخا جو کليل آ سدا ئي.

(٢) ڪرين تو راجا کي رنڪ، رنڪ کي ڏين راجائي،
جيڪا تنھنجي مرضي، ٿيندي نيٺ سائي.

(٣) تنھنجي در تي سوالي وڃي ڪين خالي،
جھڙي آس جنھنجي تھڙي تو پڄائي.

(۴) نماڻا نينھن تنھنجي ۾ سِڪن تا سڀ ئي
اندر ۾ انھن جي توئي جوت آ جڳائي.

(۵) 'ويراڳي' آ لاچار، پوين ڇو فڪر ۾؟
ھيڻن جو ھمراھ، جانب آھ جائي.

★

وڇوڙي جا ويڌ

حقيقي حال وڃي اور، اڙي منهنجا تون ڪانگل
مني محبوب منهنجي کي، سڻاءِ سارو هيءُ پل پل.
وڇوڙي کيو آ هيٺون، بدن ۾ ڪا بچي طاقت
اکين ۾ آب آ جاري، شبنم جيان ڳڙ ڳل ڦل
اوهانجي عشق ۾ مونکي، مٺن ٿا ماٺهن جا مهڻا
سهان سي پيي سِرَ تي، تئي خواري خلق ۾ پلارا پل.
آهين منا تون ئي جياپو، منهنجي لاءِ هن جڳ ۾،
بنا تنهنجي حياتي هيءُ، آ سُنسان ۽ وصل.
هلڻ جو وقت آ هاڻي، دکيءُ دل جي آ پڪاڙي،
چوي تو روئي 'ويراڳي' او سهڻا آهيان سڪابل.

★

ڏڻ ڏياريءَ جو

(۱) آيو اُڏامي ايوڌيا ۾ هڪ پشپڪ وِمان،
هئا جنهن ۾ رام سيتا ۽ ڦيون لڇمڻ براجمان.

(۲) سڻي سماچار اُنهن جي اچڻ جو اُتي ايوڌياواسين،
سڪل ساهه سان سرها ٿيا جڻ پي پاڻي اُجايلن.

(۳) نڪتو رٿ نگريءَ ۾ رام سيتا ٿنهي پاڻرن، ماتائن سان،
ٻهڪيو جڻ گل ڪمل جو سوريہ ديو جي ٻاهر نڪرڻ سان.

(۴) هئا هر گهر جي ٻاهر سامهون سونا ڪلش رکيل،
هئا هر گهر جي ماڙهن جا ڇهرا ٻهڪيل ۽ چمڪيل.

(۵) ڪيوُن آرتيون ايوڌيا جي استرين پريم ڀري هُرڪ سان،
جڻ ٽمڪندڙ تارن ڀريل آسمان آيو هيٺ مهڪ سان.

(٦) رنگبرنگي رستا پڻ هئا سينگاريل جهنڊن جهالرن سان،
هر جهروڪي هر چوٽ تان ڀرپور پي ٿي ورکا گلن سان.

(۷) ڪيو ڇڻڪار سڳنڌ جي جل سان جڏهن ايوڌياواسين،
ڦهلي سڳنڌ چوڌاري رستن تي ڏنو ساٿ هوا جي لهرن.

(۸) خوش ٿيا خوب ايوڌياواسي اُتي اُتساهه ۽ اُمنگ سان،
پير نہ ٿي ٽڪيا ڌرتيءَ تي پنهنجي اٿاهه سينگ سان.

(۹) ايوڌياواسين ساڻ ملهايو ڀارتواسين، ڏڻ شري رام جي واپس ورڻ جو،
ڪاڏيون منايون ٻاريا ڏيا آتشبازيون، مقرر ڪيو سو ڏڻ ڏياري منائڻ جو.

★

غزل

غم ۾ مان پڏل هوس

(۱) جيسين نہ تنهنجو تصور هو، غم ۾ مان پڏل هوس،
غمگين تنهنجي غم ۾، غم کان هاڻ ڇٽل آهيان.
(۲) بي فکر هوس جڏهن توکان، لڳل هوس مان فکرن ۾،
لڳو آ جڏهن تنهنجو فکر، بي فکر تڏهن ٿيل آهيان.
(۳) جيستائين نہ تنهنجو پيُو هو، پيُو پيٽ تي رهيو هوس،
پيُو جڏهن ٿيو آ تنهنجو، هاڻ نہ ڪنهن کان ڊڄل آهيان.
(۴) ڪلندو هوس ڏينهن رات مان، دل ۾ پر خوش نہ هوس،
روئي روئي تنهنجي ياد ۾، مان ڏاڍو خوشحال آهيان.
(۵) 'ويراڳي' ڪنگال هوس مان، جيستائين ڏن نہ ڏنو هو،
سڀ ڪجهہ توکي ڏيئي، هاڻ نہ ٿيو ڪنگال آهيان.

★

گيت

پورو ٿيندو پاڻي ۽ داڻو

دنيا ۾ آيو آهين تہ ٿيندين تون روانو،
هڪ ڏينهن پورو ٿيندو تنهنجو پاڻي ۽ داڻو.

(۱) مالڪ توکي انسان بڻائي ڪئي آ مهرباني،
ڳاءِ اُن جي ڳڻن جي ڪيل قول واري تون ٻاڻي،
وقت امولیہ وڃائي هاڻي، تون ٿيءُ نہ اياڻو،
هڪ ڏينهن پورو ٿيندو تنهنجو پاڻي ۽ داڻو.

(۲) غافل تون ڇڏي ڏي اِها ڪوڙي حيراني،
هڪ هٿيءَ ۾ نہ رہ هاڻي تون مورکہ پراڻي،
قائم نہ آهي دنيا ۾ ڪنهنجو ٻي ٺڪاڻو،
هڪ ڏينهن پورو ٿيندو تنهنجو پاڻي ۽ داڻو.

(۳) راوڻ ۽ آجامل جهڙا پاپي ٿي ويا اِلاهي،
پير پيغمبر بہ تہ هتان آهن ٿي ويا راهي،
نيٺ تون ٻي تہ ڇڏيندين چولو هيءُ پراڻو،
هڪ ڏينهن پورو ٿيندو تنهنجو پاڻي ۽ داڻو.

(۴) 'ويراڳي' توکي ٻي تہ آهي هلڻو ئي،
هن سنسار جو تہ لاهي ڦرڻو ئي،
سائين نام جو هاڻي ڪر ڪو تہ پڇاڻو،
هڪ ڏينهن پورو ٿيندو تنهنجو پاڻي ۽ داڻو.

★

نظم

سچ جي جئہ

(۱) ڪوڙ جي راھ تي هلڻ وارو تہ پل پل نوڪر ڪائي
سچ جي راھ تي هلڻ وارو تہ جنم جنم سکہ پائي.

(۲) ڪوڙ براجي تہ راج محل ۾ پل سچ ملي نہ جهوپڙي
جنهن بہ سچ سان ناتو جوڙيو، توڙي ٻڌي تنهنجي ٻيڙي.

(۳) ڪوڙ جي آ ڏياري جڳت ۾ سچ جو پل ڏيوالو،
سچ جي خاطر هرشچندر ڇڏيو، راج پاٽ راجائي چولو.

(۴) اڄ بہ اُن جي مهما تا ڳائن وڏا وڏا سمراٽ
سچ جي راھ تي هلڻ واري کي پل نہ ملي مسڪراهٽ

(۵) ننڍڙو ٻالڪ بکہ کان مري ويو، پتني تي نيلام،
رشي مُني پيغمبر چئي ويا ڳايو سچ جو نام.

(٦) آسون مرادون پوريون ٿينديون پريل رهندي جهولي،
ڪنهن بہ حالت ۾ هن دنيا ۾ رهندي سچ جي بولي.

(۷) چئي 'ويراڳي' سچ جي خاطر تي بهادر بول سچ جي
سچ لاءِ مسيحو چڙهيو سوريءَ تي، ٻاپوءَ کاڌي گولي.

★

گيت

مِلي رهڻ جو زمانو

اُٿو جوانو، سوچو جوانو،
ملي رهڻ جو آهي زمانو
(۱) ڀارت ماتا سڀ جي ماتا،
هندو مسلم سک عيسائي ماتا،
رام رحيم جا انساني ناتا،
وڙهندي ڪوليا عمر ير ڪاتا،
ڳايو شانتيءَ جو ترانو، اُٿو جوانو .....
(۲) سوچي سمجهي ٻڌي جاڳايو،
مندر مسجد گڏجي ٺاهيو،
ساٿي ٻڌجي هٿ ملايو،
ڀائر رٿل ڀاڪر پايو،
گڏجي ڳايو ملڻ جو گانو، اُٿو جوانو .....
(۳) اچو ديش مان دک مٽايون،
هر هنڌ امن امانُ ڦهلايون،
شانتيءَ جو سنديش پهچايون،
محنت ڪريون ۽ ڦل سجايون،
خوشين جو پوءِ ملي خزانو، اُٿو جوانو .....

★

گيت

ڳاءِ مهما رام نام جي

من جي ڪوري ڪاغذ تي چِٽ تصوير تون رام جي،
ڪنڪر ڪان شنڪر تائين ڳاءِ مهما رام نام جي.

(۱) ڌرتي آهي هيٺ وڇايل، آڪاش مٿي هي ڇانيو آ
اگنيءَ پوَن ساڻ سمائجي، جل، ساگر مان ڦاهي وهايو آ،
سُندر سنسار بڻيو آ جهانڪي، رام چوي هڪ ڌام جي،
ڪنڪر ڪان شنڪر تائين، ڳاءِ مهما رام نام جي.

(۲) هوئي سڄڻ هوئي سوامي، هوئي پتا ماتا آ،
رشتا ناتا سڀ آهن ڪوڙا سچي نام جي مالا آ،
جيڪو رام جو ٿي وڃي ٿو، کهڙي چنتا آ گهر گام جي
ڪنڪر ڪان شنڪر تائين، ڳاءِ مهما رام نام جي.

(۳) پوڄڻ سمرڻ ڀڄن ڀڳتي، پريوءَ ڪي پائڻ جو رستو آ،
پريم سان رام ريجهايو آ 'ويراڳيءَ' دولت ڌن نہ چاهيو آ،
جا وڪامجي ٿي بنا مول جي پريت قيمتي وٽ رام جي،
ڪنڪر ڪان شنڪر تائين ڳاءِ مهما رام نام جي.

★

(٦) ڪيئن وساريان ڪويتائون انهن قابل قلمدارن جون،
موسيقيءَ ۾ ماهر اُنهن مهندارن جون،
جن جي سهاري تي ٽڪي اسان سنڌين جي جاتي،
ڪري ٿو ياد ’ويراڳي‘ ادائن ڪي جي هيون اداڪارن جون.

(٧) محبت جي مجلس ۾ هر جاتي هئي وطن ۾
قربدار هر جاتيءَ تي ڇاتو رشتو ناتو ملي رهڻ ۾
وطن جون يادون ۽ نظارا اڄين تا اکين ۾ ڳوڙها،
منهن ذوئي انهن ڳوڙهن سان من ٺاريو مون پل ۾.

(٨) ياد اُهي پون ٿا، پياري وطن جا نظارا،
جن ۾ پسجن پيا شاه سامي سچل جا جارا،
۽ بيوس بيدل بيڪس پارا بہ پيا ياد پون،
ٻيا زنده پير سکر ساڌٻيلي سنڌوءَ جا ڪنارا.

(٩) ملندي هئي ڏاڍي محبت سنڌ ۾ سنڌ وارن جي،
جت ڪمي نہ ڪائي شيءَ جي هميشه ٿيندي هئي،
هر هندو ۽ مومن جي جات رهندي هئي گڏجي،
جا هڪ ٻئي کي هميشه سڌ ۾ سڌ ڏيندي هئي.

(١٠) مذهب مٽائڻ جي ڊپ کان آ قسمت هٿ آندو،
وس نہ هليو هن هيٺي جو رهڻ لاءِ هوس اُت ماندو،
نڪتو اِهو نتيجو جو پٽڪندو رهيو روح سنڌ ۾،
آجو ٿيندس هتان جڏهن مولا ڳٽيندو جت آڳانڏو.

(١١) وس نہ هليو منهنجو نہ تہ ڪير اچي هِتِ ها هند ۾،
نہ تو ڇاٽان ڪڏهن وڃڻ ٿيندو وري جيجل سنڌ ۾،
وطن آنءَ ويندس جڏهن ورندو ورق وصال جو،
سائين شال ڪندو آجو جڏهن جان ايندي جند ۾.

★

وطن جي حُب

(۱) ڪندي ياد وطن کي وسري نہ تو وطن جو خيال،
الڳ ٿئي امڙ جي آنچل کان هلي پيو ٿيونجاهون سال،
جيجل جي جدائيءَ ۾ جيئرو تو جلي هردم،
چاڻ نہ آهي وطن وڃي، ڪهڙو ملندم وطن جو حال.

(۲) هن جنم ۾ جيڪڏهن ملي نہ سگهيس توکي امڙ،
ٻئي پکيڙو عرش تي اُڏامي اچي ملندس توکي امڙ،
داڻو چڳي وطن جي چمن جو پيٽ پريندس خوب مان،
پوءِ اباڻيءَ محب ۾ پنهنجو ساهہ قدمن ۾ ڏيندس توکي امڙ.

(۳) ڪيئن وساريان صوفي سنتن فقيرن ۽ لالڻ سائينءَ جا ڏيرا،
جت هردم لڳندا هئا ميلا ۽ ڀڳتين ۾ ڀڳتن جا ڦيرا،
فقيرن ۾ هئا روچل وسڻ واسواڻي ڌرمو ٽيڻئون هرچو،
هئا ڪشت ڪٽيندڙ داسن جا داس رکپال وڏرن جا وڏيرا.

(۴) ٿي ياد پوي پنهنجي اباڻي اجهي واري ڳلي،
جت امڙ مونکي ڏني مني محبت پري لولي،
وسري نہ ٿي ٽولي ٽنهي شاهہ سچل ساميءَ جي،
جن جي اڄ ٻہ اسان بوليون ٿا سنڌي پيار پري بولي.

(۵) پون ٿا ياد امر شهيد ڪالاڻي ۽ ڀڳت ڪنور،
جن هئي پنهنجي جان گهوري ٻئي بهادر ۽ نڊر،
شاعرن ۾ شاعر هئا صبا، عزيز ۽ دکايل،
جن لکيو ڳايو، وري ديش جي آزاديءَ خاطر هو چندر.

ايشور استان

(۱) اڙي جاڳ هينئر سويرو ٿيو آ،
انڌيرو تہ اجا پري نہ ٿيو آ،
گھڻو پري توکي ڪرڻو آ پنڌ،
راہ جو توکي پتو نہ پيو آ.

(۲) سمجھہ رام کي رحمان کي سمجھہ
سمجھہ ڌرم کي ايمان کي سمجھہ،
مندر کھڙو کھڙي مسجد،
’ويراڳي‘ ايشوري استان کي سمجھہ.

....

جيو ديا

(۱) جيون کي نہ مار ڪڍھن تون،
مارڻ هار بينو آ تو مٿون.

(۲) ماري جيون کي ڇا پائيندين؟
ڇو ڪرين پيو پوء پاپ گھڻو.

(۳) ماس کائي تن ماس وڌائي،
سو تن آخر سنگہ نہ هلڻو.

(۴) پريوء جا سڀ جيو برابر،
اوچ نيچ نظر ۾ نہ رکڻو.

(۵) ديا ڌر ’ويراڳي‘ من ۾
جاڻڻ چاهين تہ جاڻ پريوء کون.

★

نظم

ساڌ سڌائڻ سوکو آ، رام ريجهائڻ اوکو آ.
سنگہ ساڌن جو ڪرڻ سوکو آ، قرب ڪمائڻ اوکو آ.
گنگا جمنا وڃڻ سوکو آ، سنڌوءَ کي ڏسڻ اوکو آ.
وڏ ماڻهپو وٺڻ سوکو آ، سڀني سڌائڻ اوکو آ.
ويراڳي عشق تي اول سوکو، نيهن نڀائڻ اوکو آ.

....

قرباني

سَوَ قربان ڪريان اُن تان
جي منهن مان نہ بولين ڦِڪي
هزار قربان ڪريان اُن تان
جي سڀ کي ڀسِن اِڪي
لکہ قربان ڪريان اُن تان
جي سدا رهن مَن جُهڪي
ڪروڙ قربان ڪريان اُن تان
جي هجن سونُ تہ سڏائن مِٽي.

★

انسان سڀ هڪ سمان

(۱) اچو تہ ٻارو ٻڌايان توهانکي ڪهاڻي ڀارت مهانَ جي،
ايوڌيا جي راجا دشرٿ جي پٽ شري رام ڀڳوان جي.
(۲) وچن پتا جي پالڻ لاءِ، رام بنواس چوڏهن سال مليو،
ڀاءُ لڇمڻ، پتني سيتا کي وٺي، ساڻ ڪري بنواس ويو.
(۳) رام سيتا ۽ لڇمڻ پڌاريا، چوڏهين سال پنچوٽيءَ ۾،
جتان ڀڄايو سيتا کي راوڻ، ڀائرن جي غير حاضريءَ ۾.
(۴) سيتا جي ڳولها بکہ اُچ ۾ ستايل، ڀائر پهتا، شبريءَ ڪٽيا ۾،
جهوٺا ٻير شبريءَ جا، ڏسي ڪائيندو رام کي، پيو لڇمڻ نراشا ۾.
(۵) رام ڄاڻي لڇمڻ کي سمجهايو، اوچ نيچ ڪُلَ ڇا جا آهن؟
پريوءَ جا خلقيل انسان سڀئي، سڀ ئي هڪ سمان آهن.
(٦) پوربندر ڀارت ڀوميءَ تي، ۱۳۲ سال اڳہ، موهنداس ڪرمچند گانڌي پڌاريا،
جن ڳاتو، 'ناهي ڪوئي اوچ نيچ، آهن سڀ هريءَ جا پيارا.'
(۷) 'ويراڳي' شال سکيا اِها توهان ٻارن ۾ رهي قائم ۽ دائم رهي،
پوءِ مقصد اِهو، رام ۽ گانڌيءَ جو، سڀنڌ جيان قايم رهي.

★

ٻال نصيحت نامو

ماءُ پيءُ جا چئيوان تيو، اتاه سکن سان ڏنوان تيو.
ڪوڙ ڳالهائڻ سان پاپ تئي تو،
ٻڳوان تنهن تي ناراض تئي تو.
راهہ سچ جي وٺو پيارا، يڌشٽر ڳانڌي بڻجو پيارا.
پيري پئي روز اسکول وڃو،
دعا ماءُ پيءُ جي دائم ڪٺو.
روز ٻڳوان کي نمسڪار ڪيو، دور من کان اهنڪار ڪيو.
گروءَ کان دويہ گيان وٺو،
مڪت تيو آتم درشن ڪيو.
توهان پڙهڻ سان دل لڳايو، گيان ٻڌيءَ جو توهان وڌايو.
رانديين ۾ ٻي قوت تيو،
شرير کي ٻي چست ڪيو.
سڀاءُ سباجهڙو قائم رکو، خلق ۾ پيارا دائم بکو.
مليل خرچيءَ مان خرچ بچايو،
باقي دکين کي ڏيئي ڪيو سجايو.
بکين جي توهان ٻک مٽايو، اُنهيءَ مان اوهان پُڄ ڪمايو.
هن نصيحت تي جو هلندو،
سُکي سنسار ۾ سدا رهندو.

★

پئسو

(۱) پئسي جي زور تي ايندي آ عقلمندي
پئسي جي سودي سان زندگي آ وڪامندي.
(۲) ملي تو پئسي سان سنمان ۽ سلام
ساڳئي ئي پئسي سان تئي تو قتلام.
(۳) بڻجن دوست ۽ دشمن تا پئسي سان ئي
لولا ۽ لنگڙا بہ ماڻا ڪَنِ تا پئسي سان ئي.
(۴) پئسي سان جلي جهوپڙي ۽ اَڏجي عمارتي بستي
پئسي ۾ آ وڏي شڪتي، ڏاڍائي ۽ من مستي.
(۵) چاڻي تو سنسار پئسي سان ملي تو هرڪو مال
اڪثر پئسو آ هڪ خار جو نہ جيئڻ ڏي نہ ڪري خوشحال.
(٦) 'ويراڳي' پيئو پئسي کي سمجهي ڪري دوا جو مثال
جنهن جي گهٽ وَڌ پيئڻ سان ٺيڪ نہ تئي طبيعت جو حال.

★

دکيءَ دل جي صدا

(١) اُن راجا جو انت اچي جو نياءُ ڪار نہ آهي،
اُن وزير جو بہ انت اچي، جو سچو صلاحڪار نہ آهي.
(٢) سيٺ جو بہ انت اچي، جو ديادار نہ آهي،
نوڪر جو بہ انت اچي، جو وفادار نہ آهي.
(٣) ڌيءَ جي بہ انت اچي، جا ڪُل کي داغ لڳائي،
نانيءَ جو بہ انت اچي، جو آلسي، عادتيءَ بدڪار آهي.
(٤) نُنهن جو بہ انت اچي، جيڪا شرمسار نہ آهي،
پٽ جو بہ انت اچي، جو آگياڪاري نہ آهي.
(٥) پتيءَ جو انت اچي، جنهن جي دل ۾ پيار نہ آهي،
استريءَ جو بہ انت اچي، جا پتيءَ انوسار نہ آهي.
(٦) ڪنجوس جو انت اچي، جنهنجي ڌن جو ڪوئي شمار نہ آهي،
شاهوڪار جو بہ انت اچي، جنهنجي دِل اُدار نہ آهي.
(٧) اُن ماڻهوءَ جو بہ انت اچي، جو محبت کان مڙدار آهي،
ڪُرسيءَ واري جو بہ انت اچي، جو سچار نہ آهي.
(٨) اُن ساڌوءَ جو بہ انت اچي جنهن وشين کان ويراڳہ نہ ورتو آهي،
اُن شِشَ جو بہ انت اچي، جنهنجو گروءَ ۾ اعتبار نہ آهي.

★

محنت کش جي صدا

(۱) وسائن بادل تا برسات نالو آ نيسارن جو
لڙائي لڙن سپاهي تا نالو آ سردارن جو.

(۲) مجاور محنت تا ڪن نالو آ پيرن جو
ٻارڙا تي جڻي ماتا نالو آ پتائن جو.

(۳) تاجمحل تيار ڪيو ڪاريگرن نالو آ شاهجهان جو
گيان ونن ويدن مان نالو آ وياڪيان ڪندڙن جو.

(۴) گيت لکي تو گيتڪار نالو آ ڳائيندڙن جو
ساز ناهي تو سازيندڙ نالو آ وڄائيندڙن جو

(۵) 'ويراڳي' ڪڏهن محنتيءَ تي وسندو مينهن مهر جو
سائينءَ جو هٿ ٻاجهه پريو ٿيندو تڏهن ٻاڏائيندڙن جو.

★

غريبن جي پُڪار

(١) سنسار ۾ غريبن جو سهارو نہ ڪوئي آ
يل ٻاڏائي ڪن پڪار ٻڌڻ وارو نہ ڪوئي آ.
(٢) چوسيو آ رتُ ڏاڍو غريبن جو ڏنوانن
ظالم ئي مظلوم تي رحم ڪندو نہ ڪوئي آ.
(٣) پوري نہ ملين ماني ٿنَ تي نہ اٿن ڪپڙو
پر هنن تي هٿ ديا جو رکندو نہ ڪوئي آ.
(٤) چئني طرفان غريبن تي مصيبت ئي آ مصيبت
'ويراڳي' سندن دکڙا ٻڌندو نہ ڪوئي آ.

★

ڀڳوت گيتا جو سار

(شري ڪرشن ڀڳوان جو سنديش)

(١) ڇو اجايو چنتا ڪريون ٿا؟ ڪنهن کان اجايو ڊڄون ٿا؟ ڪير توهان کي ماري سگهي ٿو؟ آتما نہ تہ پئدا ٿيندي آهي ۽ نہ تہ مرندي آهي، آتما امر آهي.

(٢) جيڪي ٿيو سو سٺو ٿيو، جيڪي ٿي رهيو آهي، اُهو بہ سٺو ئي ٿي رهيو آهي، جيڪي هن کان پوءِ ٿيندو، اُهو بہ سٺو ٿيندو. توهين گذريل وقت جي چنتا نہ ڪيو ۽ آئينده جو بہ ڊپ نہ ڪيو، موجوده وقت تہ گذري رهيو آهي. ها اُن ۾ ڪُجهہ سوچي سمجهي شڀ ڪرم، شيوا، سمرڻ، ڪرتويہ جو پالن، هرهڪ ڪم مريادا سان ڪيو.

(٣) توهان جو ڇا ويو آهي، جو توهين روئو ٿا. توهان ڪٿي ڇا آيا هئا، جو وڃايو اٿوَ. توهان پئدا ئي ڇا ڪيو جو ناس ٿي ويو. توهان ڪُجهہ نہ ڪٿي آيا. جيڪي ڪُجهہ ورتو سو هتان ورتو، جيڪي ڏنو سو هتان ڏنو، خالي هٿين آيا خالي هٿين هلبو، جيڪي اڄ توهان جو آهي، اُهو ڪالهہ ڪنهن ٻئي جو هو، وري سڀاڻي ڪنهن ٻئي جو ٿيندو. توهين اُن کي پنهنجو سمجهي خوش ٿيو ٿا، اهائي خوشي توهان کي ناخوش ۽ دکي ڪري ٿي.

(٤) پريورتن ۽ بدلجندڙ سنسار جي ريت ۽ نيم آهي جنهن کي توهين موت سمجهو ٿا، اهو ئي جيون آهي. هڪ پل ۾ توهين ڪروڙن جا مالڪ ٿيو ٿا تہ ٻئي ئي پل ۾ نرڌن ۽ بي سهاري ٿي وڃو ٿا. منهنجو تنهنجو، ننڍو وڏو، پنهنجو پرائو دل مان ڪڍي، ڇڏيو، من ۽ ويچارن مان اهو وهم ڪڍي ڇڏيو. وري

هولي

(۱) هوليءَ ۾ رت رنگن ۾ آ هوليءَ ۾ فضا حسين آ
هولي آئي سانگن واري رنگ برنگي، تي رنگين آ.
(۲) متواليءَ کي متوالي جو گلال، جڏهن اوچتو لڳي تو،
متوالي تي گهبرائي! پوءِ ڇا تہ متواليءَ جو روپ وڌي تو.
(۳) نينگر نينگريون جهولن ۾ جهولِن، جهولو جهولي جهمريون هڻن،
آئي مند بهار جي آ متل موج ۽ خمار ۾ خوب تيون جهولن.
(۴) هوليءَ ۾ خوشبوءِ خوشي آ سونهن سڳنڌ سرهاڻ سني آ،
آهن هوليءَ ۾ خوشبوءِ جا خزانہ ۽ خلق لاءِ خوشبوءِ مني آ.
(۵) هرڻاڪشپ ۽ هولڪائون ڏسجن تيون، پيون چوڌار
پاپين جي وڏيل پاپن سان ناخوش آ، هر پريوار
(٦) هزارين هولڪائن ۽ هتيارن هوندي، پوءِ بہ هولي ملهايون ٿا
جلي ويل هوليءَ کي جلائي 'ويراڳي' ڪِلون، ڪِلايون ٿا.

★

گايتري مهامنتر

ڀُورِ ڀُوَه سُوَه تَتِ سَوِيتُرِ وَر يڻيَم ڀَرِ گوديوَ سِيہ
ڌِي مَهي ڌِيو يونَهہَ پرَ چو دياتِ

اکري ارٿ :

اوم = هر وقت رکشا کندڙ. ڀوَرِ = پرانن کان پيارو. ڀُوَهہَ = دکہ دُور کرڻ وارو. سُوَهہَ = آنند سروپ داتا. تَتِ سَوِيتُرِ = ساري جڳت جو اُپائڻهار پرماتما. وَريڻيَم = سڀ کان اُتم پرميشور. ڀَرِگو = شڌ سروپ. ديوَسِيہ = ساري وشو جو پرڪاش ڪندڙ پرماتما. ڌِي مَهي = ايشور کي ڏاڍي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پنهنجن ردن ۾ ڌاري سدائين هن جي اُپاسنا ڪريون. ڌِيويونَهہَ = اسانجي متين ۽ بڌين کي. پرَچو دياتِ = مندن ڪمن کان هٽائي چڱن ڪمن ۾ لائي.

ڀاوُ ارٿ :

هي رکشڪ، پرانن کان بہ پيارا پرميشور، دکہ دور ڪندڙ، آنند سروپ داتا، ساري جڳت جو اُپائڻهار پرماتما، سڀ کان اُتم پرميشور، شڌ سروپ داتا، ساري وشو جي پرڪاش ڪندڙ پرماتما کي ڏاڍي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پنهنجن رِدَن ۾ ڌاري سدائين هن جي اُپاسنا ڪريون. اسانجي متين ۽ بڌين کي مندن ڪمن کان هٽائي چڱن ڪمن ۾ لائي.

★

آتما سان سڀ توهانجا آهن ۽ توهين سيني جا آهيو.
(٥) نہ هيءُ شرير توهانجو آهي ۽ نہ توهين هن شرير جا آهيو، هيءُ باھ، مٽي، پاڻي هوا مان ٺهيل آهي. وري بہ توهانجي هستي ۽ وجود آتما، اهڙي جي اهڙي قائم آهي، اسٿر آهي، پوءِ توهين ڪير آهيو؟
(٦) توهين پاڻ کي اُن مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيءُ سڀ ڪان سٺو ۽ سريشٽ سهارو آهي، جيڪو اُن جي سهاري کي ڄاڻي ٿو، اُهو شوڪ، ڀيہ چنتا کان سدائين جي لاءِ ڇوٽڪارو پائي ٿو.

بيڙيون پار پون ٿيون، طوفان هليا وڃن ٿا
امر آتما ۽ يادون رهن ٿيون، انسان هليا وڃن ٿا.

★

سان بٺيل جٽيو مرڻ بعد بہ جيون سان گڏ وڃي ٿو.

گرو صاحبن جي شادي اٽڪل ۱۵ سالن جي عمر ۾ بٽالا ضلع گرداسپور پنجاب جي رهواسيءَ ياڻي مولا جي ڌيءَ بيبي سلکڻيءَ سان ٿي. پتا ڪالوءَ چاهيو ٿي تہ سندن پٽ ساڌارڻ گرهستي جيون گذاري ۽ دنيوي ڪم ڪار ۾ ڌيان ڏي پر گرو صاحبن جي رُچي ٻئي طرف هئي. هو سدائين پرمارٿي پرشن جي سنگت صحبت ۾ رهندو هو.

ڪالو بيديءَ پنهنجي پٽ کي ڏنڊي ۾ ڪامياب بڻائڻ لاءِ کيس چوهڙخان (ضلع گجرانوالا هاڻي پاڪستان) ۾ واپار لاءِ موڪليو. پر هو کين ڏنل پئسا رستي تي بکين ساڌن کي کارائڻ ۾ خرچي تلونديءَ موٽي آيو. جتي کيس آگيا جي اُلنگهن لاءِ پيءُ جو ڪوپ سهڻو پيو. پوءِ گرو صاحبن جو پيٽويو جيرام کيس سلطانپور وٺي ويو. جتي نواب دولت خان لوڌيءَ جي مودي خاني ۾ نوڪري وٺي ڏني. جيتوڻيڪ گرو صاحبن هيءَ ڪم پسند ڪيو پر سندن من جو رخ اصل ڪونہ بدليو. ڏينهن جو هو پنهنجي لياقت سان پنهنجا فرض نباهيندو رهيو ۽ رات جو ڀڄن سمرڻ ۾ لڳو رهندو هو. هڪ دفعي نواب سان گرو صاحبن لاءِ شڪايت ڪئي ويئي ۽ الزام هنيائون تہ هو قيمت کان بہ وڌيڪ مال توري ٿو ڏي جنهن ڪري شاهي ڀنڊار ۾ گهاٽو ٿي رهيو آهي. پر جڏهن جاچ پڙتال ڪئي ويئي تہ نواب کي پتو پيو تہ مودي خاني ۾ نہ فقط مال پورو هو پر اجان بہ وڌيڪ هو.

هڪ ڏينهن گرو صاحب صبح جو سوير سلطانپور پرسان وهندڙ 'ڪالي بيئين' نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ بعد هو پر واري جهنگل ۾ غائب ٿي ويو. جتان هن کي پرميشور جي درگاه ۾ نيو ويو. ڪُل مالڪ کيس امرت جو پيالو پياريو ۽ کيس نام جو پرچار ڪرڻ جو ڪم سونپيو. هو ٽن ڏينهن کانپوءِ سلطانپور موٽيو ۽ مقامي ماڻهن کيس ڏسي ڏاڍي خوشي مناڻي. اُنهن سمجهو هو تہ گرو صاحب نديءَ ۾ ٻڏي ويو هئو.

گرو نانڪ جيوني

گرونانڪ صاحب جو جنم نومبر ١٤٦٩ع برابر ١٥ ويساک مهني جي شڪل پکيہ سنبت ١٥٢٦ تلونديءَ جي هڪ ڳوٺ 'ڪچا ڪاهن' يا 'چاهل' ۾ پنهنجي ناني جي گهر ۾ ٿيو. اڳئين رواج مطابق گرڀوتي استري ٻار ڄڻڻ لاءِ پنهنجي پيڪي گهر ويندي هئي. نانڪ نالو بہ اِنهيءَ ڳالهہ ڏانهن اِشارو ڪري ٿو تہ هو پنهنجي ناني جي گهر ناناڻي (نانڪاڻا) ۾ ڄائو هو. اِهو بہ ممڪن آهي تہ گروءَ جي وڏي ڀيڻ پنهنجي ناناڻي گهر ڄائي هئي جو سندس نالو نانڪي هو. گروءَ جي ماتا جو نالو ترپتا ۽ پتا جو نالو مهتا ڪالو بيدي هو. گرو نانڪ صاحب جي جنم وقت تلونديءَ (پنجاب) جو حاڪم رائي بلهار هو جو گرو صاحبن جو شيِ چنتڪ هو ۽ سندن پوئلڳہ بہ بڻيو.

گرو صاحبن جو لاڙو دنيوي وديا جي ڀيٽ ۾ روحاني گيان طرف وڌيڪ هو. گرو صاحبن کي عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جو گيان رُڪن الدين قطب الدين ۽ سيد حُسن اُستادن وٽان مليو. هنديءَ ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ڪتاب رکڻ گوپال پنڊت سيکاريو هوس. گرو نانڪ صاحب اوائلي عمر ۾ ڪجهہ سنساري گيان حاصل ڪيو هو. پر سندن من ۾ روحانيت جي جگياسا کين ڪيترن ئي مذهبي سکيا جي مرڪزن ڏانهن وٺي ويئي. اُن تلاش جي دوران هو انيڪ تپسوين، ويراڳين ۽ تياڳين جي سمپرڪ ۾ آيو ۽ پوءِ هنن روحاني گيان حاصل ڪيو.

گرو نانڪ صاحب ٩ ورهين جي عمر ۾ جڻين پائڻ جي رسم تي پنهنجي ڪُل جي پروهت هرديال کي ٻڌايو تہ جڻيي جي ٻاهرئين طرح رسم ويرٿ آهي. پر صرف اوچي اخلاق ۽ سمجهہ کي سچو جڻيو مڃڻ گهرجي. گرو صاحبن فرمايو تہ دنيا جي ڪپهہ، سنتوش جي سُٽ برهمچريہ جي ڳنڍ، ستيہ جي وٽڻ

تي پاڻيءَ جو چشمو هو. ڀائي مرداني کي اُڃ لڳي. صاحبن کيس چيو تہ وڃي بابا وليءَ کان پاڻي وٺي اچ. ڀائي مردانو ٽڪريءَ تي ويو ۽ بابا وليءَ کي پاڻيءَ لاءِ عرض ڪيو. بابا وليءَ کائنس پڇيو، 'تون ڪير آهين؟، ڪٿان آيو آهين؟' مرداني گرو نانڪ جي سچي حقيقت ڪري ٻڌايس، جا بابا ولي ٻڌي باھ ٿي ويو ۽ پاڻي پيئارڻ کان انڪار ڪيو. ڀائي مرداني کي چيائين، 'تون مسلمان ٿي ڪري ڪافر هندو پير کي ٿو پوڄين ۽ هڪ هندوءَ جي هيٺري ٿو ساراھ ڪرين. ٿو جهڙن ڪافرن لاءِ مون وٽ پاڻي ڪانهي.' گرو صاحبن پوءِ لٺ ڪڍي ڌرتيءَ تي هنئي ۽ هڪ دم جل نڪري آيو ۽ بابا وليءَ جو چشمو سڪي ويو، تنهنتي بابا ولي ڪروڌ ۾ اچي هڪ وڏي ڇپ صاحبن جي مٿان اُڇلائي. صاحبن پنهنجي تري ڏئي ڇپ ٻهاري ڇڏي. بابا ولي گرو صاحبن کي پهتل سمجهي پيري پيو ۽ معافي ورتائين. اِهو نشان اڄ تائين قائم آهي. ۽ سک انهيءَ کي 'پنجا صاحب' چوندا آهن. اُتي هاڻي گردوارو آهي ۽ اُنهيءَ ڇپ جي هيٺان اڃان سودو نرمل پاڻي پيو وهي.

گرو صاحب هڪ مسلمان فقير جي لباس ۾ مڪي ويو هئو. پاڻ نيرا ڪپڙا پهريا هيائين. هڪ هٿ ۾ ڏنڊو هوس، بغل ۾ پستڪ هوس ٻئي هٿ ۾ لوٽو هوس ۽ ڪلهي تي مصلحو هوس. مڪي پهچي گرو صاحبن هڪ مسجد ۾ ڏيرو ڪيو. رات جو گرو صاحب پنهنجا پير محراب جي طرف ڪري سمهيا. هڪ رڪن علدين نالي ماڻهوءَ گرو صاحبن کي چيو تہ محراب طرف پير ڪري سمهڻ ڪفر آهي ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ طرف ڪعبو آهي يعنيٰ رب جو گهر آهي. تنهن تي گرو صاحبن هن کي چيو تہ 'ڀائي جنهن طرف ڪعبو يا رب جو گهر نہ هجي ڀلي اُنهيءَ طرف منهنجو ٽنگون ڦيري ڇڏ.' سڀ ماڻهو گرو صاحبن جي اُن گيان ڀريل لفظن تي حيران ٿيا ۽ سڀني گرو صاحبن جو آدر سنمان ڪيو. اُتي مسلمانن گرو صاحبن کان پرمارٿي مسئلن تي

گرو صاحب پنھنجو عرصو سنہ ١٥٠٠ع کان سنہ ١٥٢٠ع تائين پنھنجي ياترائن سان روحاني پرچار ۾ گذاريو ۽ اُنھن ياترائن ۾ گرو صاحب ھڪ اُداسيءَ وانگر وھنوار ڪندو رھندو ھئو. پاڻ جتي بہ ويندو ھئو اُتي جي واتاورڻ ۽ ضرورتن انوسار ھڪ ياتريءَ وارو ويس پائيندو ھئو. پنھنجي ياترا سان گڏ پنھنجي ڀڄن سمرڻ تي بہ ڏاڍو ڌيان ڏيندو ھئو. گرو صاحب جا پڪا ۽ وفادار ساٿي مردانو راٻي ۽ ننديڻ جو متر ٻالو اُنھن ياترائن ۾ ساڻ گڏ ھوندا ھئا.

ھڪ دفعي گرو صاحب پنھنجي ساٿين سان گڏ سيدپور ويو جو ھاڻي پاڪستان، پنجاب ۾ آھي ۽ ايمنٽاباد جي نالي سان مشھور آھي. اُتي ڀائي لالوءَ جي گھر ۾ رھيو. گرو صاحب جو ڀائي لالوءَ جي گھر وڃڻ سان شھر جو چوڌري ڀائي ملڪ ڀاڳو ڏاڍو ناراض ٿيو ڇاڪاڻ تہ گرو صاحب سندس گھر ۾ ٿيندڙ پريتي ڀوڄن ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ھو. ملڪ ڀائيءَ گرو صاحب سان غصي ۾ ڳالھايو ۽ شڪايت ڪئي تہ گرو صاحب جي سندس ڀوڄن کان انڪار ڪرڻ ڪري سندس ڀاري اپمان ٿيو آھي. تنھن تي گرو صاحب چوڌري ملڪ ڀاڳوءَ جي پريتي ڀوڄن ۾ تريل ڪچوريون گھرايون. پوءِ گرو صاحب ھڪ ھٿ ۾ ڀائي لالوءَ جي سڪل روٽي ۽ ٻئي ھٿ ۾ ملڪ ڀاڳوءَ جون گيھہ ۾ تريل ڪچوريون وٺي نپوڙيون تہ ڀائي لالوءَ جي روٽيءَ مان کير ۽ ملڪ ڀاڳوءَ جي ڪچوڙين ۾ خون ٽپڪڻ لڳو. گرو صاحب سمجھايو تہ ڀائي لالوءَ حق حلال ۽ پگھر جي پورھي جي ڪمائي ڪئي آھي ۽ ملڪ ڀاڳوءَ جون ڪچوريون رشوت ۽ اتياچار جي پئداش آھن. گرو صاحب سڪيا ڏني تہ روزي روٽي ايمانداريءَ سان ڪمائڻ گھرجي. پوءِ ملڪ ڀاڳوءَ غلطي محسوس ڪئي ۽ صاحب کان معافي ورتي ۽ ايمان جي ڪمائي ڪرڻ شروع ڪئي.

گرو صاحب رٽن ڪندي پنجاب ۾ حسن عبدال ۾ وڃي پھتو. اُتي ھڪ ٽڪريءَ تي بابا ولي فقير رھندو ھو. اُن ٽڪريءَ

اُنهن سان گڏ ويو. جڏهن قاضيءَ نماز شروع ڪرائي تہ اُميد جي خلاف گرو صاحب بيٺو هي رهيو ۽ سجدو ڪونہ ڪيائين. قاضيءَ ڪي اِن مان شڪايت ڪرڻ جو هڪ موقعو پيو مليو ۽ اِها ڳالهہ نواب سان ڪيائين. گرو صاحبن ڪان نماز نہ پڙهڻ جو سبب پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائين تہ قاضيءَ جو من نماز ۾ نہ هو. هن جو من تہ گهوڙيءَ جي نئين ڄاول وڇڙي ۾ هو. جنهن ڪي هو گهر جي اڱڻ ۾ ڪليو ڇڏي آيو هو. اڱڻ ۾ کوه هو ۽ قاضيءَ جو ڌيان هر هر انهيءَ ڳالهہ ڏانهن تي ويو تہ متان وڇڙو کوه ۾ نہ ڪري پوي. قاضيءَ قبول ڪيو تہ گرو صاحبن نيڪ فرمايو هو ۽ هو سندن چرنن تي ڪري پيو. انهيءَ تي گرو صاحبن چيو تہ سچو مسلمان اُهو آهي جو پنهنجي خوديءَ يعنيٰ اهنڪار کي ختم ڪري ۽ پرماتما جي ڀاڻي يا رضا ۾ راضي رهندي صدق ۽ صبر سان عملي يا شبد جي ڪمائي ڪري مَنَ کي پوتر ۽ نرمل ڪري.

گرو نانڪ ديوجن دنيا جو دورو ڪندي وڃي روم ولايت رهيا جتي بادشاه قارون پنهنجي جگري ڌيءَ کي ٽامي جي هڪ پئسي تي نيڪال ڪرائڻ جو حڪم ڪديو هو. هڪ ڇوڪرو شهزاديءَ جي حسن تي موهت تي پيو ۽ ماءُ کي مجبور ڪيائين تہ هڪ ٽامي جو پئسو آڻي ڏي. ماءُ پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي ضد ۽ هن جي مورڇت حالت ڏسي ڳٽيون ڪائڻ لڳي ۽ آخر پٽ جي آس پوري ڪرڻ لاءِ جگر جهلي قبرستان ۾ وئي ۽ مردي جي وات مان ٽامي جو پئسو ڪڍي آئي. پٽ کي ڏنائين. ڇوڪرو ٽامي جو پئسو وٺي وڃي شهزاديءَ کي خريد ڪري آيو. بادشاه قارون حميد کي خبر پوڻ تي هن قبرون کوٽائڻ شروع ڪيون ۽ مردن جي وات مان ٽامي جا پئسا ڪڍايا. ستگرو بادشاه جي محلات ۾ آيا. بادشاه نوراني درويش کي ڏسي محلات مان ٻاهر نڪري آيو ۽ ڏنائين تہ درويش پنهنجي جهولي ۾ زور سان نڪريون وڌو ڪڙڪائي. بادشاه ستگروءَ ڪان نڪرين ڪڙڪائڻ جو ڪارڻ پڇيو.

ڪيئن سوال ڪرڻ شروع ڪيا. هڪ سوال ڪيو هندو وڏو آهي يا مسلمان؟ تہ اُنهن جواب ڏنو تہ نہ هندو وڏو نہ مسلمان وڏو پر وڏو، تمام وڏو آهي ايمان. سو ايمان پوروڪ پنهنجا سڀ ڪم ڪيو ۽ واپار پريوار جو خيال رکندي بندگيءَ ۽ نيم ۾ پڪا تي رهو. دل ۾ ديا رکو، ماس نہ کائو. پراڻي ماتر ڪي، درويشن يا ٻين ڪنهن کي بہ ڏکائڻ، دک دوکو ڏيڻ وڏي ۾ وڏي دوزخ جي باہ آهي. محمد صاحب بہ قران شريف ۾ چيو آهي تہ ماس کائي پنهنجي پيٽ ۾ جيون جون قبرون نہ ٺاهيو.

هڪ ڏينهن مرداني نہ چاهڻ تي بہ زوريءَ موڪل وٺي پنجاب پنهنجي گهر لاءِ روانو ٿيو. رستي تي ڀيلن جي راجا ڪوڏوءَ نالي مرداني کي پڪڙي ناشتو ڪرڻ لاءِ گهر وٺي ويو. جڏهن مرداني کي تيل جي تئيءَ ۾ تڙڻ جو ارادو ڪيو تڏهن مردانو گرو صاحبن کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو. گرو صاحبن هن جي پرارٿنا سڻي ڀائي بالي کي وٺي اچي اُتي پهتو. مرداني جا هٿ پير ٻڌل هئا ۽ تيل جو ڪڙاهو تمام گرم هو. صاحبن وچن ڪڍيو، 'تپت ڪڙاہ ٺنڊ ڀيا گر شيتل نام ديو.' يعنيٰ پوري ستگر رام نامي روپي اهڙي سيتلتا بخشي جو اُهو گرم ڪڙاهو برف جهڙو ٿڌو ٿي ويو. ۽ تيو بہ ائين ڪوڏو عجب ۾ پئجي ويو ۽ صاحبن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ مرداني کي ڇڏي ڏنو. مرداني گروءَ کان معافي ورتي ۽ چيائين آئينده توهان جي مرضيءَ خلاف نہ وڃبو.

هڪ دفعي صوبيدار دولت خان لوڌيءَ وٽ شڪايت ڪئي تہ گرو صاحب هندن کي مسلمانن جي برابر رکيو آهي. انهيءَ موقعي تي اسلامي شرع جي سمجهاڻي ڏيڻ وارو قاضي بہ موجود هو. جنهن پڻ اِن شڪايت جي پنيرائي ڪئي ۽ نواب کي چيو تہ گرو صاحبن کي گهرايو وڃي. گرو پهتو تہ نواب صاحب گرو صاحبن کي پرسان وهاريو. انهيءَ وچ مسلمانن جي شام جي نماز جو وقت ٿي ويو. سڀ مسجد ۾ هليا ويا. گرو صاحب

جي سنگت ۾ اڪٺ شانتي ۽ آنند ٿيو. گرو صاحب ڪائنس پڇيو، ’ڀائي تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘ جواب ڏنائين، ’جي منهنجو نالو لهڻو آهي.‘

گرو صاحب فرمايو ها ڀائي تون اسانکي ڪجهه لهڻين ۽ توکي مون کان ڪجهه وٺڻو آهي. انهيءَ لاءِ ئي اڪال پرک توکي مون وٽ موڪليو آهي. لهڻي جو مطلب آهي وٺڻ. ڀائي لهڻي گرو صاحب کان اها ذات ورتي جا صرف سندس لاءِ ئي رکي ويئي هئي. سمو ڀائي هو گرو صاحب جو جاءِ نشين بڻيو. جو گرو نانڪ هو اُهو ئي ڀائي لهڻو بڻجي ويو. گرو صاحب ڀائي لهڻي کي پنهنجي جڳهه تي مقرر ڪري ڪيس انگد جي نالي سان ظاهر ڪيو. جنهنجو مطلب آهي ته هو پنهنجو ئي انگ آهي. انهيءَ مان هر طرف خبر ڦهلجي ويئي ته ستگرو آخرين سفر جي تياريءَ ۾ آهن. گرو صاحب جي ڌرمپتني، متر، سڀنڌي سکه، شيوڪ هندو توڙي مسلمان سڀ سخت دکي ٿيا. گرو صاحب سڀني کي ڌيرج دلاسو ڏنو ۽ کين دکه ڪرڻ کان منع ڪئي. گرو صاحب اُنهن کي ٻڌايو ته سنسار ۾ چار ڏينهن رهي هرهڪ کي هتان هليو وڃڻو آهي ۽ اڳتي هلي هرهڪ کي پنهنجي ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻو آهي. ڪنهن جي به موت تي دک ڪرڻ يا روئڻ اجايو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪجهه به ٿي رهيو آهي سو سڀ ڪُجهه مالڪ جي ڀاڻي يا مؤج انوسار ٿي رهيو آهي.

آخرين گهڙيءَ ۾ گرو صاحب جي چتايل مسلمان شش چيو ’اسين مرتڪ سرير کي دفنائينداسين ۽ سندن چتايل هندن چيو ته اسين سندس اگني سنسڪار ڪنداسين. گرو صاحب فرمايو ته توهان پنهنجا پنهنجا گل رکي ڇڏيو. جيڪڏهن سڀاڻي هندن جا گل تازا ۽ سرها رهن ته شرير کي جلائي ڇڏجو ۽ جي مسلمانن جا تازا رهن ته شرير کي دفنائي ڇڏجو. پوءِ گرو صاحب سنگت کي پرماتما جي ڪيرتيءَ ۽ مهما ڳائڻ لاءِ چيو ۽ حڪم انوسار سنگت سوهلي جو پاٺ شروع ڪيو. جڏهن سلوڪ پڙهيو ويو ته

تنھنتي ستگروءَ وراڻيو، ’اي بادشاھ! مان پنھنجي موت کانپوءِ ھيءَ نکريون پاڻ سان کڻي ويندس.‘ بادشاھ ستگرن کي چيو ’اي عارف! کوبہ انسان مرڻ وقت پاڻ سان کابہ شيءِ کيئن کڻي سگھندو؟ تون نکريون کيئن کڻي ويندين؟‘ ستگرن بادشاھ جي منھن ۾ ربي نظرن جا تير ڇڏيندي چيو ’اي بادشاھ! تون تہ چوين تہ مان خالي نکريون پاڻ سان کيئن کڻي ويندس. تيئن تون تہ ٻڌاءِ تون پنھنجي مرڻ پڇاڻا ھيڏا ڀاري ۴۵ خزانا کيئن پاڻ سان کڻي سگھندين؟ اُتي گروجن نصيحت نامو اُچاريو. بادشاھ قارون لاجواب ٿي ويو ۽ ستگرن جي قدمن ۾ ڪري پيو. پوءِ بادشاھ ھکدم حکم ڪيو ۽ رعيت کي گھرائي خزانن جا در اُنھن لاءِ کولي ڇڏيا. ستگرو پوءِ کائنس موکلائي شھرواسين کي پربوڌ ڏئي اُتان روانو ٿيو.

گرو صاحبن جي جيون جو آخرين وقت سنہ ۱۵۲۰ع کان سنہ ۱۵۳۹ع تائين ڦھليل آھي. ھيءَ سيدپور جي تباھيءَ ۽ لٽ مار کان وٺي سندس پرلوڪ پڌارڻ تائين وارو سمو آھي. پاڻ ھيءُ سارو وقت راوي نديءَ جي ڪناري ڪرتارپور ڳوٺ ۾ گذاريائين. ھتي گرو صاحبن پرماتما جي سچي گيان جي ٻاڻي اُچاريائون. پاڻ سچي گيان جا ستسنگہ ڪيائين. سچ ۽ روحانيت جي ويچار ڌارا جو ھکرو وھايائين ۽ پنھنجي ستسنگہ ۽ صحبت ۾ ايندڙن کي انحد شبد جي اکنڊ ڌن سان جوڙيائين.

گرو صاحبن پنھنجي ٻن مھتوپورڻ ’لنگر‘ ۽ ’شيوا‘ پريل رتائن تي زور ڏنو. گروءَ جو لنگر ايکتا، سمانتا، نمرتا ۽ برادريءَ جي نشاني ھو. جو تہ لنگر ۾ سنگت جي شيوا ۾ ھک يا ٻئي ڪاريہ ۾ لڳل سڀ ماڻھو ذات پات ۽ امير غريب جا ڀيد ڀاوَ وساري ھک ئي قطار ۾ ويھي ڀوڄن کائيندا آھن. جنھن مان پرمارٿي ويچارن وارا سڀ ماڻھو ھک ئي گڏيل برادريءَ جو انگہ بڻجي ويندا آھن.

ڪرتارپور ۾ ئي ڀائي لھڻو گرو صاحبن جو شش بڻيو. گرو صاحب

سنت ڪنوررام

سنڌ جي ميرپور ماٿيلي تعلقي ۾ جروارن ڳوٺ ۾ ڀائي تاراچند ۽ سندس ڌرمپتنيءَ ڌهرڪيءَ جي سنت سترامداس ۽ سندس پتا سنت ڪوتارام جن جي رام نام ڪيرتن ۽ ستسنگ ڪرڻ جي هاڪ ٻڌي ۽ وچي انهن جي شرڻ ورتي انهيءَ مراد سان ته من ڪو انهن کي اولاد ٿئي. درٻار ۾ سنتن هنن جي ٻهاري پائڻ، پاڻي ڀرڻ ۽ آئي وئي جي شيوا ڪرڻ تي راضي ٿي آسيس ڪئي ته توهان جي گود هڪ ګٹوان لال سان ڀرجندي پر شرط اِهو آهي ته اِهو لال اسانکي ڏيڻو پوندو. هنن خوشيءَ سان قبوليو.

ڀائي تاراچند جي گهر ۾ برابر هڪ ٻالڪ ويساک مهني سنبت ۱۹۴۲ يعني ميءَ مهني ۱۸۸۵ع ۾ جنم ورتو. سنت ڪوتارام ٻالڪ جي مٿي تي هٿ رکي هن جو ڀوشيه ڄاڻي ٻالڪ جو نالو ’ڪنور‘ انهيءَ ڪري رکيو جو هن کي خبر هئي ته هيءَ ٻالڪ سدائين ڪنول جي گل وانگر نرليپ ۽ خوشبودار رهندو.

ڀڳت ڪنوررام جي لياقت پنجن سنڌي درجن هتڪائي اکرن لکڻ پڙهڻ تائين محدود هئي. اندر جو سوجهرو اِلاهي هيس ڏيکه ويکه ڪان ڪوهين ڏور، لٽي ڪپڙي ۾ سادڙو، ڳالهه ٻولهه ۾ سٻاجهڙو نماڻو ۽ قرٻائتو هو.

ننڍي هوندي ڪنوررام پنهنجي پتا کي ڪيت ۾ جهار هڪلڻ ۽ نار وهائڻ ۾ مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪنوررام ڪيت ۾ راڳه ڳائيندي ڀڳوان جي ڌنيءَ ۾ ائين مست ٿي ويو جو ڪيس ٻاهرين دنيا جي خبر ئي ڪونه رهي. اوچتو ماڻڙ اچي لٽي پاڻ اکيون بند ڪري ڀڄن ۾ مگن هو. ماڻهن جي رڙين واڪن تي ڪنور جون اکيون کليون ۽ ڏٺائين ته جنهن ڪيت تي پاڻ وينو هو. اتي ماڻڙ اصل ڪونه هئي ۽ باقي ٻين جي ڪيتن

گرو صاحبن چادر اوڙي. سنگت مٿو ٽيڪيو. پوء چادر کڻئي ويئي تہ اُتي ڪجهہ بہ نہ هو. پر هندو ۽ مسلمانن ٻنهي جا گل سرها ۽ تازا رهيا. ٻئي پنهنجا پنهنجا گل کڻي ويا. ساري سنگت چرنن ۾ جهڪي ويئي. گرو صاحبن ۷ سيپٽمبر ۱۵۳۹ع تي پنهنجو پنجن تتون جو سرير تياڳيو. گرو صاحبن جي پوئلڳن ۽ ڪٽنب پريوار وارن راوي نديءَ جي ٻئي ڪناري تي، 'ڏيرا بابا نانڪ' نالي ڪسبو وسايو. اُن ڪسبي کي آباد ڪرڻ وارا ماڻهو ئي اُن جي هاڻوڪين واسين جا آبا ڏاڏا هئا.

★★★

سياڻن جا وچن

(۱) ڪروڌ ٻڌيءَ کي کائي ٿو.
(۲) گهمنڊ گيان کي کائي ٿو.
(۳) پراشچت پاپ کي کائي ٿو.
(۴) لالچ ايمان کي کائي ٿي.
(۵) رشوت انصاف کي کائي ٿي.
(٦) چنتا عمر کي کائي ٿي.

★

۽ سنت ڪوتارام آشيرواد ڏيڻ وقت چيو هو تہ ٻالڪ سندن جي شيوا ۾ ڏجو. سو ڪنور سندن امانت آهي. سنت ڪوتارام پاڻ تہ گذاري ويا آهن سو سندن سپاتر سنت سترامداس وٽ وني وڃي ڏيئي اچجي.' تاراچند اِها ڳالهہ ٻڌي ڪنوررام کي سنيرائي سنت سترامداس وٽ اچي حاضر ٿيا. انهن کي هٿ جوڙي پيري پئي چيائون تہ سائين توهان جي امانت توهان کي سونپڻ آيا آهيون. سنت سترامداس کين چيو تہ چڱو ڪيوَ جو پنهنجو انجام پاڙيو اٿوَ. اُن ڏينهن کانپوءِ ڪنوررام کي سنت سترامداس جي سنگہ ۾ اچڻ سان هڪ نئون رنگہ لڳي ويو ۽ اُتي هي ستگرن جي شيوا ۾ رهيو.

سوامي سترامداس جن ڪنور کي پريم سان شيوا ڪندو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. کيس گيان پريون ڳالهيون ٻڌائي سکيا ڏيندا هئا. سوامي سترامداس پورن ڀڳت هو. ڪنوررام خوشنصيب هو جو هن کي سنت سترامداس جهڙو گرو مليو هو. ڪنوررام کي انهيءَ پورن ستگروءَ وٽان انيو جوت ملي. هن جي من ۾ خلق لاءِ سچو پريم جاڳيو. ايشوري گيان پراپت ٿيو ۽ ويراڳہ مليو.

ڀڳت ڪنوررام پنهنجي آلاپ جي اِبتدا هميشه سائينءَ جي ساراه سان ڪندو هو ۽ هميشه پوئين آسر کان شروع ٿي پرهہ ڦٽيءَ تائين ڳائيندو ۽ نچندو هو. راڳہ آساوري ۽ پرڀاتي سندس دل پسند راڳہ هئا. وقت گذرندي ڀائي ڪنوررام جي سريلي آواز جو پرلاءُ، سنت ۽ سخي هئڻ جي ساکہ چوڌس چوڌاري هڪ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ جيئان ڦهلجندي رهي. پري پري جا ماڻهو سفر جا جاکوڙا ڪڍي وٽس اچڻ لڳا. پوءِ ڪي راڳہ ٻڌڻ لاءِ، ڪي آسيس ۽ آشيرواد وٺڻ لاءِ ۽ ڪي فقط درشن لاءِ ايندا هئا.

سنڌ ۾ ڀڳت شروع کان هندو سنڌي جاتيءَ جي وڏن يا خاص ڏڻن جي ملهائڻ ۾ هڪ حصو ليکي ويندي هئي. هر ڳوٺ خواه شهر ۾ عام ڏڻن، ورسين يا خوشيءَ جي موقعن تي ڀڳت

تي ماڻھن جي سنڀال ھوندي بہ ماکڙ انھن جا کيت کائي ڇڏيا. کنور جو پتا ٻنيءَ تي پير رکندي ئي عجب ۾ پئجي ويو. اِلاهي اِسرار ڏسڻ وٽان هو. اِها ننڍڙي يوگيءَ پورن صوفي سنت جي ڀھرين پرک ھئي جا ڀائي تاراچند ۽ ٻين ماڻھن اکين سان ڏٺي.

کنور ننڍي .مان وڏو ٿيو. ھن جي ماءُ ھن کي کوھر ناھي وڪڻڻ لاءِ ڏيندي ھئي. ھڪ دفعي سنت سترامداس ٽوليءَ سميت جروارن ڳوٺ ۾ آيو. ۽ پريات جي ويلي ڀڄن ڪرڻ کانپوءِ ڏٺائون تہ ٻاھر اٺن سالن جو ٻالڪ سادي سودي لباس ۾ سريلي آواز ۾ ھوکو ڏيندي کوھر وڪڻي رھيو آھي. سنت سترامداس ان ٻالڪ وٽ پھچي ويا ۽ کيس روحاني امانت جو وارث ٻڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ پاڻ وچان سندس مٿي تي ھٿ ڦيريندي گلي لڳايو.

ڀائي تاراچند پنھنجي سکيلڌي کنوررام کي راڳہ وديا سيکارڻ لاءِ ڀائي ھاسارام وٽ سونپيو. پتا حيات پتافي دربار ۾ ڀائي ھاسارام سورداس ھوندي بہ گرنٿي گاين وديا ۾ ماھر ھو. تال ۽ راڳڻين جو پورو پورو علم ھوس. ڀائي ھاسارام ٻالڪ کنور کي پنھنجي گرنٿي گاين وديا سيکاري.

ھڪ دفعي ڀائي ھاسارام کنوررام کي جھلي کوھيءَ وٽ اچي بيٺو. چي کنور تون پورو سر ۽ تال ۾ نہ ڳائيندين تہ مان توکي ھن کوھيءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيندس. ايترين سيکتن کانپوءِ کنوررام گاين وديا سکيو. کنوررام تي ايترو غصو ڪرڻ واري ڀائي ھاسارام گھوٽڪيءَ ۾ آخرين دنيا ڇڏڻ وقت اھا تمنا ظاھر کئي ھئي 'مان جيکر کنور جي گود ۾ آخرين پراڻ تياڳيان' ۽ سچ پچ ھن جو ساھ رُڪيو رھيو. جڏھن اتي کنوررام پھتو ۽ پنھنجي گروءَ کي پنھنجي ھنج ۾ سمھاريو، اُن کانپوءِ ڀائي ھاسارام پراڻ تياڳيا.

ڀائي کنوررام جڏھن ڏھن سالن جو ٿيو تڏھن کنور جي ماءُ تيرٿ ٻائيءَ پنھنجي پتيءَ تاراچند کي چيو 'سنت سترامداس

هوندو هو. خيرات ۾ ڪنور ڪنهن جي منهن ڪي ڪڏهن بہ نہ ڏنو. جو آيو سو اگهيو.

ڀڳت ڪنورام نہ فقط لاثاني ڳايڪ هو پر هو نرموهي درويش سچو عاشق ۽ مهان ڪرم يوڳي هو. ڪنوررام جا آلاپ آهن : (۱) رام سمر پرڀات ميري من (۲) ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان. (۳) نالي الڪہ جي ٻيڙو تار منهنجو. (۴) ماندي تيءَ نہ مارئي الھ تو ساڻ آهي.

جڏهن ڪنور جي شاديءَ جي تٽ جي خبر ماڻهن ۾ پيئي تہ هڪ عاشق ڪنور کي چار جوڙا ڪپڙن جا پرت پريل ۽ هڪ بوسڪيءَ جي ٿانءَ ڏيڻ لاءِ پاڻ سان ڪٺي آيو. ۽ ڪيس نذراني طور ڏئي ويو. ڀائي ڪنور ڪپڙن جي هڙ وٺي گهر رکي ڇڏي. ساڳئي ڏينهن شام جو هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو در کڙڪايو. چي 'ابا سڀاڻي عيد آهي ۽ مونکي ننڍن ٻچن جي چنتا آهي. جن لاءِ نہ اٽم لٽو نہ ڪپڙو. آئون ٻيواھ زال آهيان ٻيو ڪٽي وجي در در هٽ ٽنگيان؟' ڀائي ڪنور اندر وجي هڙ ڪٺي اچي ٻيڍڙي مائيءَ جي حوالي ڪئي. چيائين 'اچ امڙ! وٽ پنهنجي امانت مون تنهنجي لاءِ صبح کان ويٺي سانڍي آهي. شڪر ٿيو جو مال اصلي مالڪن کي مليو.' ڀائي ڪنور پلجي بہ ڪڏهن پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهڻ نہ ڏنو. هميشه چوندو هو مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان. هيءَ تہ ڏيڻ وارو پيو ڏي.

ڪنور ڀڳت انهن ماڻهن مان هو جن چڳيءَ طرح ڄاتو تہ ڪفن کي کيسا ڪونہ ٿيندا آهن. ڀڳت ڪنوررام مايا جو تياڳي اُپڪار ڪندي خلق جو خدمتگار، سمدرشتيءَ وارو، ايڪتا جي سونهري سڌانت تي عمل ڪندڙ، ذات پات جي فرقيپرستيءَ کي پري ڪندڙ ۽ سچي سنسار ۾ ميلاپ ۽ محنت، پريم ۽ پيار جي جوت جڳائيندڙ هو.

ڀڳت ڪنوررام جي پهرينءَ ذرمپتنيءَ جي چالاڻي بعد

جو انتظار ڪيو ويندو هو ۽ ڪنور جي پڄڻ هڪ عوامي ميلي جو ڏيکہ ڏيندي هئي.

ڪنور جي جسم تي جامو جلويدار پهريل، متي تي پڳڙي ۽ ڳچيءَ ڳل بوچڻ جو ڳارو ۽ پيرن ۾ گهنگهرو ڇهہ ڇهہ ڪندي ايندڙ ڏسبو تہ اُهيئي ٻئي ٻانهون ٻڌل، ڪنڌ ۽ ڪياڙيءَ ۾ نوڙت ۽ نيزاريءَ ۾ جهڪيل، هر آئي وئي ۽ هر وينل ۽ بيٺل کي نمسڪار ۽ پرڻام ڪندي ميڙ جي وچہ اچي پنهنجي جاءِ تي بيهندو هو. پوءِ جوڙيل هٿ توڙي هڪ هٿ ڪن تي ۽ ٻيو هٿ ٻڌندڙن جي رخ ۾ سڌو ڪندي چپ چوريندو تہ پهرين هڪل اِها هوندي تہ 'شل ڪا ٻاجهہ پوئي'. پوءِ شروع ڪندو ڪلام ڪڏهن ڪبير يا فريد تہ ڪڏهن بيدل ۽ بيڪس جو. پر عام طور تي شاه ڀٽائيءَ جو ڪلام ڳائيندي سندس ڪيفيت ڏسڻ وٽان هئي. آلاپ کي اوج تي آڻي موج ۾ مست هاٿيءَ جيئان پيو نچندو. جهومندو ۽ ٻوليندو 'آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهہ مونکي تن مارُوئڙن جي تن سانگيئڙن جي، تن ڏوٿيئڙن جي، تن پانڌيئڙن جي.'

ڪنور جو اهو ڪمال هر جيءَ ۾ جادو لائيندو هو. ماڻهن جي پيءَ جو سبب هڪ ڪنور جو آلاپ ۽ ٻيو سخي سڀاءُ هوندو هو. جو ڪجهہ ملندو هوس اُهو سڀ تڏي تي ئي غريبن ۽ فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پر جي حاجتمندن ۽ محتاجن جي هاج پوري تيل نہ ڏسندو هو تہ پڄڻ دواران پنهنجي جهولي جهليندو هو. پهرياڻ جو پانڌ هڻي ۾ ڦهلائي هوڪو ڏيندو هو تہ 'ڀائي ڏه هزاري جهولي آهي جو پريندو ۽ جس ڪٽندو تہ سچو سائين سندس ڀلو ڪندو.' پوءِ جهوليءَ واري رقم سفيد پوشن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ويندي هئي. اِها رقم اهڙيءَ مخفيءَ ۽ ڳجهہ ڳوہ ۾ ورهائي ويندي هئي جيئن لوڪن کي لکا نہ پوي تہ سوالي ڪير هئو ۽ هن کي ڇا مليو. ڪنور جي سخا ڪنهن خاص فرد يا طبقي تائين محدود نہ هئي. محتاجن ۾ اڪثريت مسلمانن جي هوندي هئي. هندن ۾ پنڻ جو شونق ۽ شغل البت گهٽ

هوندو هو. خيرات ۾ ڪنور ڪنهن جي منهن ڪي ڪڏهن بہ نہ ڏٺو. جو آيو سو اگهيو.

ڀڳت ڪنورام نہ فقط لاثاني ڳايڪ هو پر هو نرموهي درويش سچو عاشق ۽ مهان ڪرم يوڳي هو. ڪنوررام جا آلاپ آهن : (١) رام سمر پرڀات ميري من (٢) ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان. (٣) نالي الکہ جي ٻيڙو تار منهنجو. (۴) ماندي تيءَ نہ مارئي الا تو ساڻ آهي.

جڏهن ڪنور جي شاديءَ جي تت جي خبر ماڻهن ۾ پيئي تہ هڪ عاشق ڪنور کي چار جوڙا ڪپڙن جا پرت پريل ۽ هڪ بوسڪيءَ جي تانءَ ڏيڻ لاءِ پاڻ سان کڻي آيو. ۽ کيس نذراني طور ڏئي ويو. ڀائي ڪنور ڪپڙن جي هڙ وٺي گهر رکي ڇڏي. ساڳئي ڏينهن شام جو هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو در کڙڪايو. چي 'ابا سڀاڻي عيد آهي ۽ مونکي ننڍن ٻچن جي چنتا آهي. جن لاءِ نہ اٽو لٽو نہ ڪپڙو. آئون ٻيواه زال آهيان ٻيو ڪٽي وڃي در در هٿ ٽنگيان؟' ڀائي ڪنور اندر وڃي هڙ کڻي اچي ٻيڏڙي مائيءَ جي حوالي ڪئي. چيائين 'اچ امڙ! وٽ پنهنجي امانت مون تنهنجي لاءِ صبح کان ويٺي سانڍي آهي. شڪر ٿيو جو مال اصلي مالڪن کي مليو.' ڀائي ڪنور پلجي بہ ڪڏهن پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهڻ نہ ڏنو. هميشه چوندو هو مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان. هيءَ تہ ڏيڻ وارو پيو ڏي.

ڪنور ڀڳت انهن ماڻهن مان هو جن ڇڳيءَ طرح ڄاتو تہ ڪفن کي کيسا ڪونہ ٿيندا آهن. ڀڳت ڪنوررام مايا جو تياڳي اُپڪار ڪندي خلق جو خدمتگار، سمدرشتيءَ وارو، ايڪتا جي سونهري سڌانت تي عمل ڪندڙ، ذات پات جي فرقيپرستيءَ کي پري ڪندڙ ۽ سڄي سنسار ۾ ميلاپ ۽ محنت، پريم ۽ پيار جي جوت جڳائيندڙ هو.

ڀڳت ڪنوررام جي پهرينءَ ڌرمپتنيءَ جي چالاڻي بعد

ڪنوررام صاحبن گهڻن ماڻهن جي زوربار تي ٻي شادي ڪئي جنهن مان هڪ پٽ پائي پيسورام ۽ ٽي نياڻيون هيس.

هڪ دفعي ڪنوررام صاحب ڏهرڪيءَ ۾ ڀڄن پئي ڪيو جتي خلق هزارن جي تعداد ۾ وينل هئي. ڀڳت صاحب پريم جي رنگ ۾ رتل هو ته هڪڙي مائي پنهنجي مئل ٻار کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ۽ پرساد جو ٿالهه ڪڻي اُن تي پنج رپيا رکي ٻار ڀڳت صاحبن کي ڏيئي لولي ڏيڻ جو عرض ڪيو. لولي ڏيڻ ڪانپوءِ سنت کي ڄاڻ پئجي ويئي ته ٻار مئل آهي. ديا جا ساگر پائي ڪنوررام ڀڳونت جو ڏيان ڌري پريم ۾ مگن ٿي الک کي ٻاڏايو ته سنت جو ڀڪ ڀڪجي. ايتري ۾ هڪ ملنگ آيو ۽ ڪنور کي چيائين ته ڀڳت صاحب مان تنهنجي انتظار ۾ هيس ته ڪڏهن تي پوتِ پوي سو پرساد جي ٿالهه متان پنج روپيہ ڪڻي ملنگ ڪنور کي آسيس ڪيائين ۽ چيائينس ته سائين تنهنجو ڀڪ ڀڪيندو. پوءِ ڪنوررام ٻار کي لولي ڏيندي هر هر چوڻ لڳو ته ٻار اُٿي چَوُ هريرام! ڀڳت صاحب جو ائين چوڻ ۽ ٻالڪ جو اوئان اوئان ڪرڻ. مائي ٻالڪ جيئرو ڪرائي خوش ٿي سنت کي پيري پئي دعائون ڪندي گهر هلي ويئي. ان ڏينهن ڪانپوءِ ڀڳت صاحب جن جڏهن بہ ٻالڪ کي لولي ڏيڻ لاءِ ڪڻندا هئا ته پهريائين هن کي ڏسي پوءِ ڪجهہ ۾ ڪڻي لولي ڏيندا هئا.

ڀڳت صاحب جي لڪيل پتريڪائن ۾ گهڻو زور هيٺين ڳالهين تي ڏنل آهي : (١) رام نام جپڻ (٢) ستسنگ ۽ شيوا ڪرڻ. (٣) گئوشالائن ۾ رقم دان ۾ ڏيڻ. (٤) غريبن يتيمن ۽ گهرجائن جي پهچندي آهر مدد ڪرڻ. ڀڳت صاحبن وٽ ڪوبہ نر يا ناري پيري پوڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پوءِ ٻار هجي چاهي ٻڍو تڏهن بہ ان جي پيري پوڻ کان اڳہ پاڻ ئي پيرن تي هٿ رکي وٺندا هئا. وري جڏهن ڪنهن کي بہ چلي لڳندا هئا تہ رام رام هري هري غلام ڪنور جي واچٽي ديا ڪرپا ڪرڻي.

ميرپور ماٿيلي جي پرسان 'پرچونديءَ' جو ڳوٺ آهي. جتي

عبدلرحمان ولد عبدلاھ سميجو جو اٽڪل ٻن ٽن مجاورن سان گڏ رهندو هو. هن کي پرچوندڙيءَ جو پيرُ ڪري چوندا هئا. عبدلرحمان جا مريد گهڻو ڪري ٻروچ هئا. ٿوريءَ ڳالھ تي خون ڪرڻ رواجي ڳالھ سمجهندا هئا. عبدلرحمان مسجد ۾ وعظ ڪندي ڪيترن ئي هندن کي زوريءَ پنهنجي دين ۾ آڻيندو هو. اِها ڳالھ ٻڌي ڪٽر هندن ۾ هڪ ٻئي لاءِ دشمني وڌي ويئي.

هڪ ڏينهن عبدلرحمان جي پٽ جو جولاءِ ۱۹۳۹ع ۾ سکر جي اناج بازار ۾ وڃڻ ٿيو. جتي هن جو هڪ دڪاندار سان تون چا تون چا ڪندي تڪرار ٿيو. انهيءَ دور ۾ بدقسمتيءَ سان هندو مسلمانن ۾ ڇڪتاڻ چالو هئي. تڏهن دڪاندارن هن کي سچائي اڪيلو ۽ نهتيار ڏسي نہ فقط هن جي بي عزتي ڪئي پر ڪيس مارڪٽ بہ ڪئي. پوءِ جيتوڻيڪ عبدلرحمان جي پٽ جي عزيزن ۽ قريبن ۾ تاءُ آيو پر سکر جي ڪليڪٽر ڪوناوالا جي بروقت جوڳا قدم کڻڻ جي ڪري هندو مسلم فساد ٽري ويو. تنهن کانپوءِ دڪاندارن جي پئنچات طرفان معافي پڻ ورتي ويئي ۽ پوءِ ڪوبہ اڻوڻندڙ واقعو ڪونہ ٿيو. پر عبدلرحمان جي پٽ واريءَ ڌر جي ماڻهن گڏجي هڪ انتقام وٺڻ جي رٿ رٿي ۽ چيو تہ جوابدار جي جاتيءَ کي اهڙي ڀاري سزا ڏجي جو هو عمر ڀر ياد رکن. ان فيصلي جو نزلو اچي ڀائي ڪنور تي ڪريو. ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ جي عام ماڻهن جو مهاپرش ۽ مهاتما هو، اِهو هو ڪنور رام جو قصور ۽ ڏوھ يا گناھ. دستور مطابق ڪنوررام کي مانجهندن ۾ ڀائي گوبندرام ۽ ڀائي ديويداس جن جي ورسيءَ تي وڃڻو پين. تاريخ ۱۱ ڪتيءَ مهني سنبت ۱۹۹۶ امبرت ويلي ڪنوررام پنهنجي سنگرن جي سماڌيءَ تي مٿو ٽيڪي موڪلائي نڪتا. پنهنجي ٽوليءَ سان ٽانگي ۾ چڙهي ڌهرڪي اسٽيشن تي ريل ۾ سوار ٿيا ۽ اچي دادوءَ اسٽيشن تي پهتا. ڪنوررام صاحب وري ٽانگي ۾ چڙهي مانجهندن جي دربار ۾ پهتا جت مانجهندن جي دربار جي گادي نشين پٽا يوگيءَ هنن جو ٽوليءَ سميت سواگت

ڪنوررام صاحبن گهڻن ماڻهن جي زوربار تي ٻي شادي ڪئي جنهن مان هڪ پٽ پائي پيسورام ۽ تي نياڻيون هيس.

هڪ دفعي ڪنوررام صاحب ڏهرڪيءَ ۾ ڀڄن پئي ڪيو جتي خلق هزارن جي تعداد ۾ ويٺل هئي. ڀڳت صاحب پريم جي رنگ ۾ رتل هو تہ هڪڙي مائي پنهنجي مئل ٻار کي ريشمي ڪپڙي ۾ ويڙهي ۽ پرساد جو ٿالهہ کڻي اُن تي پنج رپيا رکي ٻار ڀڳت صاحبن کي ڏيئي لولي ڏيڻ جو عرض ڪيو. لولي ڏيڻ ڪانپوءِ سنت کي ڄاڻ پئجي ويئي تہ ٻار مئل آهي. ديا جا ساگر ڀائي ڪنوررام ڀڳونت جو ڌيان ڌري پريم ۾ مگن ٿي الک کي ٻاڏايو تہ سنت جو ڊڪ ڊڪجي. ايتري ۾ هڪ ملنگ آيو ۽ ڪنور کي چيائين تہ ڀڳت صاحب مان تنهنجي انتظار ۾ هيس تہ ڪڏهن تي پوَتِ پوي سو پرساد جي ٿالهہ مٿان پنج روپيہ کڻي ملنگ ڪنور کي آسيس ڪيائين ۽ چيائينس تہ سائين تنهنجو ڊڪ ڊڪيندو. پوءِ ڪنوررام ٻار کي لولي ڏيندي هر هر چوڻ لڳو تہ ٻار اُٿي چَوُ هريرام! ڀڳت صاحب جو ائين چوڻ ۽ ٻالڪ جو اوٺان اوٺان ڪرڻ. مائي ٻالڪ جيئرو ڪرائي خوش ٿي سنت کي پيري پئي دعائون ڪندي گهر هلي ويئي. ان ڏينهن ڪانپوءِ ڀڳت صاحب جن جڏهن بہ ٻالڪ کي لولي ڏيڻ لاءِ کڻندا هئا تہ پهريائين هن کي ڏسي پوءِ ڪڇ ۾ کڻي لولي ڏيندا هئا.

ڀڳت صاحب جي لکيل پتريڪائن ۾ گهڻو زور هينئين ڳالهين تي ڏنل آهي : (۱) رام نام جپڻ (۲) ستسنگ ۽ شيوا ڪرڻ. (۳) گئوشالائن ۾ رقم دان ۾ ڏيڻ. (۴) غريبن يتيمن ۽ گهرجائن جي پڇندي آهر مدد ڪرڻ. ڀڳت صاحبن وٽ ڪوبہ نر يا ناري پيري پوڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پوءِ ٻار هجي چاهي ٻڍو تڏهن بہ ان جي پيري پوڻ کان اڳہ پاڻ ئي پيرن تي هٿ رکي وٺندا هئا. وري جڏهن ڪنهن کي بہ چٺي لکندا هئا تہ رام رام هري هري غلام ڪنور جي واچڻي ديا ڪرپا ڪرڻي.

ميرپور ماٿيلي جي پرسان 'پرچونديءَ' جو ڳوٺ آهي. جتي

عبدلرحمان ولد عبدالله سميجو جو اتڪل ٻن ٽن مجاورن سان گڏ رهندو هو. هن کي پرچونديءَ جو پيرُ ڪري چوندا هئا. عبدلرحمان جا مريد گهڻو ڪري ٻروچ هئا. توريءَ ڳالهہ تي خون ڪرڻ رواجي ڳالهہ سمجهندا هئا. عبدلرحمان مسجد ۾ وعظ ڪندي ڪيترن ئي هندن کي زوريءَ پنهنجي دين ۾ آڻيندو هو. اِها ڳالهہ ٻڌي ڪٽر هندن ۾ هڪ ٻئي لاءِ دشمني وڌي ويئي.

هڪ ڏينهن عبدلرحمان جي پٽ جو جولاءِ ۱۹۳۹ع ۾ سکر جي اناج بازار ۾ وڃڻ ٿيو. جتي هن جو هڪ دڪاندار سان تون چا تون چا ڪندي تڪرار ٿيو. انهيءَ دور ۾ بدقسمتيءَ سان هندو مسلمانن ۾ ڇڪتاڻ چالو هئي. تڏهن دڪاندارن هن کي سڃاڻي اڪيلو ۽ نهتيار ڏسي نہ فقط هن جي بي عزتي ڪئي پر ڪيس مارڪٽ بہ ڪئي. پوءِ جيتوڻيڪ عبدلرحمان جي پٽ جي عزيزن ۽ قريبن ۾ تاءُ آيو پر سکر جي ڪليڪٽر ڪوناوالا جي بروقت جوڳا قدم کڻڻ جي ڪري هندو مسلم فساد ٽري ويو. تنهن کانپوءِ دڪاندارن جي پئنچات طرفان معافي پڻ ورتي ويئي ۽ پوءِ ڪوبہ اڻوڻندڙ واقعو ڪونہ ٿيو. پر عبدلرحمان جي پٽ واريءَ ڌر جي ماڻهن گڏجي هڪ انتقام وٺڻ جي رٿ رٿي ۽ چيو تہ جوابدار جي جاتيءَ کي اهڙي ڀاري سزا ڏجي جو هو عمر ڀر ياد رکن. ان فيصلي جو نزلو اچي ڀائي ڪنور تي ڪريو. ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ جي عام ماڻهن جو مهاپرش ۽ مهاتما هو، اِهو هو ڪنور رام جو قصور ۽ ڏوهہ يا گناهہ. دستور مطابق ڪنوررام کي مانجهندن ۾ ڀائي گوبندرام ۽ ڀائي ديويداس جن جي ورسيءَ تي وڃڻو پين. تاريخ ۱۱ ڪتيءَ مهني سنبت ۱۹۹۶ امبرت ويلي ڪنوررام پنهنجي سنگرن جي سماڌيءَ تي مٿو ٽيڪي موڪلائي نڪتا. پنهنجي ٽوليءَ سان ٽانگي ۾ چڙهي ڏهرڪي اسٽيشن تي ريل ۾ سوار ٿيا ۽ اچي دادوءَ اسٽيشن تي پهتا. ڪنوررام صاحب وري ٽانگي ۾ چڙهي مانجهندن جي دربار ۾ پهتا جت مانجهندن جي دربار جي گادي نشين پٽا يوگيءَ هنن جو ٽوليءَ سميت سواگت

ڪيو ۽ ڪنوررام کي آسڻ ڏيئي وهاريو.

ڪنوررام مانجهندن ۾ پنج راتيون خوب ڳايو. ٻڌندڙن ۾ موج ۾ اچي جهوميو. هنن جي آخرين پڳت ۾ دادوءَ ۾ ڇهين ڏينهن تي هئي. جتي هن پهرين راڳ 'بلاول' ۾ صوفي سنت فقير بلي شاهه جو ڪلام ڳايو. ان ڪانپوءِ ٻڌندڙن فرمائش ڪئي ته هو راڳ مارون ڳائن. پڳت وراڻيو ته اڄ سيئومل جي پٽن جي جٽين جي خوشيءَ جو موقعو آهي انڪري اِهو راڳ ڪونہ ڳائبو. پر سيني ماڻهن جي زور ڀري فرمائش تي نہ ڪونہ ڪري سگهيا جو پڳت صاحب ڪنهن جو چوڻ نہ موٽائيندا هئا. هن ڦتوءَ کي اِشارو ڪيو جنهن راڳ مارونءَ جو سارنگيءَ تي تارون ڇڪيون. ڀائي سدوري طبلو تار ۾ وڄايو. گيلي راءِ ڍولڪ تي هٿڙا ڦيرايا ۽ انهن مارون سُرَن سان ملايا. پڳت صاحبجي ڇير جا آواز ۽ پوءِ درد ڀريو سر نڪتو.

'ڪبير جس مرني تي جڳ ڏري ميري من آنند، مرني تي هي پاهيئي پورن پرمانند.'

اهو راڳ ٻڌي هزارين ماڻهن جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. ڪنور نچندو هو تہ چڻ وڏ ڦڙو مينهن وسندو هو. ڳائيندو هو تہ موج ۾ اچي نہ رڳو وحدت جي مهراڻ ۾ پاڻ وڃائي ويهندو هو پر ٻڌندڙن کي بہ آنند جي بي انت ساگر ۾ سمائي ڇڏيندو هو. سندس آواز ۽ آلاپ ۾ اهڙو تہ سريلو سوز هوندو هوس جو سنگدل انسان بہ پگهرجي اکين مان آنند جا آنسون وهائڻ لڳندو هو.

ڪنوررام ٻئي ڏينهن صبح جو دادوءَ مان سيني کان موڪلائي پنهنجي ٽوليءَ سميت سکر اچڻ لاءِ ريل ۾ سوار ٿيو. شام ٽائي ريل رُڪ جنڪشن اسٽيشن تي آئي. اُتي بہ جٽا بندوقن سان سنت سان مليا. ڪنوررام هنن کي انگور پرساد طور ڏنو. انهن ٻنهي ڀائي ڪنوررام کي چيو تہ دعا ڪجو تہ اسانجو مطلب پورو ٿئي. ڀائي صاحب هنن کي چيو تہ اوهان جنهن مقصد لاءِ آيا

آهيو، ڏٺي ڪندو ڪامياب ويندو.

پوءِ رُڪَ اسٽيشن کان جيئن ريل گاڏيءَ هلڻ لاءِ سيٽي هنئين تہ ٺيڪ ساڳئي وقت پليٽفارم جي جهنگہ واري پاسي بندوق جو فاير ٿيو ۽ گولي سڌو اچي ڀائي ڪنور جي گلي ۾ لڳي. هو رتو رت ٿي سيٽ تي ليٽي پيو. پنجن سٺن منٽن بعد جڏهن گاڏي اچي آرائين اسٽيشن تي پهتي تہ ڀائي ڪنور پرلوڪ ۾ پرماتما جي چرنن ۾ پهچي چڪو هو. هن جي پيشانيءَ تي چمڪ ۽ چپن ۾ مرڪ هئي. ڀائي ڪنور مرڪندو رهيو ۽ باقي جڳہ جهان ڪنور جي ڪوس تي ماتم ۾ رهيو. ٣١ آڪٽوبر ١٩٣٩ع سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اياڳو ڏينهن هو جو سنڌ جو سرمور سنگيت سرتاج سنت فقير جو ڪن خبيثن رڪ اسٽيشن تي خون ڪيو.

ڪنور جي ڪسڻ جي خبر سڄيءَ سنڌ ۾ شوڪ پئدا ڪيو. هرهنڌ هٽ تاڙ ٿي ويئي. جتي سڄي شهر جي ماڻهن زار زار رنو. پوءِ ڏوليءَ کي گهوٽڪيءَ ۾ مير ماٿيلي وغيره مان ڪٽندا سندن جنم ڀوميءَ جروارن ۾ آيا. جتان پوءِ ڏهرڪيءَ صاحب ۾ اچي ١ نومبر ١٩٣٩ع تي اگني سنسڪار ڪيو. جتي هزارين ماڻهن درشن ڪيو. اُنهيءَ وقت سيني جي اکين ۾ آنسن جا ڍير وهڻ لڳا. سڄيءَ سنڌ ۾ ڏياري بہ ڪنهن ڪونہ ملهائي.

جيتوڻيڪ ڀڳت ڪنوررام اسان وٽ موجود ڪونہ آهي پر هن جا گڻ اسان وٽ سدائين رهندا. شال اسان هن جي گڻن جي پوئواري ڪريون.

★★★

ڪيو ۽ ڪنوررام کي آسڻ ڏيئي وهاريو.

ڪنوررام مانجهندن ۾ پنج راتيون خوب ڳايو. ٻڌندڙن ۾ موج ۾ اچي جهوميو. هنن جي آخرين پيٽ ۾ دادوءَ ۾ ڇهين ڏينهن تي هئي. جتي هن پهرين راڳ ’بلاول‘ ۾ صوفي سنت فقير بلي شاه جو ڪلام ڳايو. ان ڪانپوءِ ٻڌندڙن فرمائش ڪئي ته هو راڳ مارون ڳائن. پيٽ وراڻيو ته اڄ سيئومل جي پٽن جي جٽين جي خوشيءَ جو موقعو آهي انڪري اِهو راڳ ڪونه ڳائبو. پر سيني ماڻهن جي زور پري فرمائش تي نه ڪونه ڪري سگهيا جو پيٽ صاحب ڪنهن جو چوڻ نه موٽائيندا هئا. هن ڦتوءَ کي اِشارو ڪيو جنهن راڳ مارونءَ جو سارنگيءَ تي تارون ڇڪيون. پائي سدوري طبلو تار ۾ وڄايو. گيلي راءِ ڍولڪ تي هٿڙا ڦيرايا ۽ انهن مارون سُرَن سان ملايا. پيٽ صاحبجي چير جا آواز ۽ پوءِ درد پريو سر نڪتو.

’ڪبير جس مرني تي جڳ ڏري ميري من آنند، مرني تي هي پاهيئي پورن پرمانند.‘

اهو راڳ ٻڌي هزارين ماڻهن جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. ڪنور نچندو هو ته جڻ وڏ ڦڙو مينهن وسندو هو. ڳائيندو هو ته موج ۾ اچي نه رڳو وحدت جي مهراڻ ۾ پاڻ وڃائي ويهندو هو پر ٻڌندڙن کي به آنند جي بي انت ساگر ۾ سمائي ڇڏيندو هو. سندس آواز ۽ آلاپ ۾ اهڙو ته سريلو سوز هوندو هوس جو سنگدل انسان به پگهرجي اکين مان آنند جا آنسون وهائڻ لڳندو هو.

ڪنوررام ٻئي ڏينهن صبح جو دادوءَ مان سيني کان موڪلائي پنهنجي ٽوليءَ سميت سکر اچڻ لاءِ ريل ۾ سوار ٿيو. شام ڌاري ريل رُڪ جنڪشن اسٽيشن تي آئي. اُتي ٻه ڄڻا بندوقن سان سنت سان مليا. ڪنوررام هنن کي انگور پرساد طور ڏنو. انهن ٻنهي پائي ڪنوررام کي چيو ته دعا ڪجو ته اسانجو مطلب پورو ٿئي. پائي صاحب هنن کي چيو ته اوهان جنهن مقصد لاءِ آيا

الڳہ الڳہ چو نہ ھجن، سڀ ۾ ھڪ ئي جوت آھي.

لال سائينءَ جي پتا رتن راءِ پنھنجي بالڪ کي رشيءَ جي روپ ۾ آيل گرو گورکناٿ کان گرمنتر ڏياري سکيا پراپت ڪرائي. ماتا ديوڪي ھن کي سڪ سان اُڏيرو ڪري ڪوٺيندي ھئي. اُڏيرو معنيٰ ويدن جو ڄاڻيندڙ. ھن جي گيان جي ڄاڻ ڏسي سندس اسڪول جا ماستر عجب ۾ پئجي ويندا ھئا.

پتا جي چوڻ تي لال سائين ڪوھرن جو ٿالھہ ڪڍي ڪمائي ڪرڻ شروع ڪئي. ھيءُ بالڪ اڌ ٿالھہ تہ غريبن ۾ ورھائيندو ھو ۽ باقي درياہ شاہ جي حوالي ڪندو ھو. ان جي بدلي ۾ درياشاہ ھن کي روز ھڪ ڪٽڪ يا جوئر جو مٽڪو پريل ڏيندو ھو. ھن جي پتا رتن راءِ کي ھنجي گھڻي ڪمائيءَ تي شڪ پيو ۽ ھن جو پيڇو ڪيائين. آخر ۾ ھن کي سچ جي ڄاڻ پيئي جو ھن جي سامھون درياشاہ ھن کي ھڪ مٽڪو ڏنو، جنھن ۾ ڪيترا ھيرا ۽ جواھر پيل ھئا. سائين رتن راءِ تپرس ۾ پئجي ويو ۽ اُھو ھيرن ۽ جواھرن وارو مٽڪو پنھنجي لال سائينءَ جي ھٿان گرو گورکناٿ کي گرو ڏڪڻا ڪري ارپڻ ڪرايو ۽ اُن ڪانپوءِ گورکناٿ ھليو ويو.

لال سائينءَ سوٽ پڳر راءِ کي شش بڻايو ۽ ھن کي ۹ نذيون ۱۸ سڌيون ۽ ۷ شيون ڏنيون. (۱) ھڪ مندي جنھن کي نھارڻ سان چيل وچن ست ٿين. (۲) جوت جنھن جي ڏيان ڪرڻ سان اڳيان جو پردو ھٽي وڃي. (۳) ڪپڙو جنھن جي پائڻ سان نہ پوت اچي يا ڪو جانور چڪ پائي. (۴) ديگہ جنھن ۾ ھڪ دفعو ڪاڌو ٺھڻ سان ڪيتري بہ انداز جي حاضر سنگت جو ڪاڌو تيار ٿئي. (۵) تلوار جنھن سان انسان جي پنجن وڪارن جو ناس ڪجي. (٦) ڪلش جنھن سان پاڻيءَ جو ڇنڊو ھڻي سرير کي پوتر ڪجي. (۷) ڍڪلو جنھن سان ڍانڊيا راس ڪري اُن جي آواز مان انھد ناد جو آنند وٺجي. لال سائين پوءِ پڳر راءِ کي ٺڪر جو لقب ڏنو. جنھن ڪانپوءِ ھن درياہ پنٿ ھلايو. جنھن

چيٽي چنڊ

سنڌي پنھنجو نئون سال چيٽي چنڊ ڏينھن تي ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ ڌوم ڌام سان ملھائيندا آھن. لال سائينءَ جا شيوڪ ٿالھ ۾ پوڄا جي سامگري ۽ جوت ڪنھن واھڻ ۾ يا مٽي تي رکي بھراڻو صاحب ڪڍندا آھن. ڪيترا تہ لال سائينءَ کي پلي تي سوار يا راجا وير اُڏيري لال کي گھوڙي تي سواريءَ وارين مورتن جون جھانڪيون پڻ ڪڍندا آھن. رستي تي مرد ڇيڄ ھڻندا، پڄن ۽ گيت ڳائيندا نديءَ جي ڪناري تي پھچي جل ۽ جوت جي پوڄا ڪندا آھن. ھن پوڄا ڪرڻ کانپوءِ لال سائينءَ کي پرساد جو ڀوڳہ لڳائي امان صاحب کي ڀوڳہ لڳائيندا آھن. تنھن کانپوءِ پرساد ڪوھر ۽ تاھري سنگت ۾ ورھائيندا آھن.

لال سائينءَ جو جنم اُماس جي ٻئي ڏينھن ٿارون يعني جمع جي ٻيڄ تٿ تي چيٽ جي مھني وڪرم سنبت ١٠٠٧ تي نصرپور ۾ سائين رتن راءِ جي گھر ۾ ٿيو. ھن جو نالو اُديہ چند رکيو ويو. اُنھي زماني ۾ سنڌ جي گاديءَ جو ھنڌ ٺٽو شھر ھو، جتي مرکہ بادشاھ جو راڄ ھو.

مرکہ بادشاھ ھڪ ظلمي ۽ ڪٽر مسلمان ھوندو ھو. ھن کي ھندو ڌرم کان سخت نفرت ھوندي ھئي ۽ ھندن جا زوريءَ جٽيا لھرائي کين اسلام ڌرم قبول ڪرائي مسلمان بڻائيندو ھو. ھن جي ظلمن کان ڇٽڻ لاءِ ھندن پرماتما جون پوڄائون ۽ پرارٿنائون شروع ڪيون ۽ نيٺ لال سائين انسان جي روپ ۾ اوتار وٺي آيو. جنھن پنھنجي طاقت ۽ ڪرشمن سان بادشاھ کي راجا وير بڻجي شڪست ڏني ۽ ھندن کي ھن ظلمي بادشاھ جي ظلمن کان آجو ڪيو. ان ڏينھن کانپوءِ ھندن ۽ مسلمانن ۾ پريم پيار وڌيو. مرکہ بادشاھ کي لال سائين سمجھايو تہ ھڪ الکہ پورن پرکہ برھم الله اکبر آھي. ھندن جو ايشور ۽ مسلمانن جي ڌرم جا رستا

لال سائينءَ هندن کي واپس موڪلڻ ڪانپوءِ غائب ڪري ڇڏيو. جت ڪڏو تي پيو. هاڻي اتي لال سائينءَ جو مندر آهي جنهن کي ڪڏي وارو مندر ڪوٺيندا آهن.

هڪ دفعي لال سائينءَ پنهنجي شش پڳرراءِ کي هڪ شاهوڪار جي ڌيءَ سان شادي ڪرائي. اُن موقعي تي حڪم ڏنائون ته هو پنهنجي زال کي پيري پوي. جيتوڻيڪ پڳرراءِ کي من ۾ مونجهارو ٿيو پر گروءَ جو حڪم مڃي زال کي پيري پئي ان جو ڪارڻ پڇيو. تنهن تي لال سائينءَ هن کي ٻڌايو ته اڳئين جنم ۾ هيءَ هڪ رشي هو. جنهن هڪ راجا جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي. پر شاديءَ جي ٻئنب باجن وڄڻ وغيره بند ٿيڻ ڪانپوءِ رشي بنا ھٿيالي ٻڌڻ جي شادي ڇڏي هليو ويو. تنهن ڏينهن کان اُها راجا جي ڌيءَ آخر تائين انتظار ۾ ستي ٿي رهي هئي، ۽ اڄ هيءَ شاهوڪار جي ڌيءَ اُها اڳئين راجا جي ڌيءَ آهي جنهن سان پڳرراءِ کي ھٿيالو ٻڌي شادي ڪرائي ويئي هئي. پڳرراءِ ڪانپوءِ هن کي 'امان صاحب' جي نالي سان لال سائينءَ جا شيوڪ پوڄا ۽ شيوا ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري اڄ به لال سائينءَ جي جل ۽ جوت جي پوڄا ڪانپوءِ انهيءَ امان صاحب جي پوڄا ڪندا آهن ۽ پرساد ورهائيندا آهن.

آخر ۾ لال سائينءَ پنهنجي ٻئي سؤٽ ڪوڏڻ راءِ سان نصرپور کان ڏه ميل پري جهجهڻ ڳوٺ تعالقو هالان ضلع حيدرآباد ۾ هڪ شيخ ميمڻ سان آسڻ لڳائي ڏيري لاءِ زمين گهري، جنهن لال سائينءَ کي سڃاتو. هڪ شرط تي زمين ڏيڻ جو واعدو ڪيو ته لال سائين ڪيس سنتان ڏيندو ۽ اُنکي ڏيري جو آخر ۾ سنڀاليندڙ مجاور بڻائيندو. لال سائينءَ هن جو شرط قبول ڪيو. پوءِ لال سائين زمين ۾ هڪ لڪڻ وڌو جتي ڪاٻر وارو وڻ پئدا ٿيو، جنهن جي ڇانوَ ۾ لال سائين آرام ڪندو هو. ان وڻ جي پرسان هڪ کوه آهي جنهن جو پاڻي گنگا جل وانگر منو ۽ پوتر آهي. اُن جڳهه تي لال سائين پنهنجي پالي سان زمين ٽوڙي جنهن ۾ لال سائين

پنت جي شيوڪن پوءِ پڳرراءِ نڪر کي ڳرو ڪري مڃيو.

ڳرو پڳر راءِ پنهنجي شيوڪن کي هينيون سکيائون ڏنيون : (۱) ڪنهن سان ٺڳي ۽ دولاب نہ ڪجي. (۲) غصو نہ ڪجي. (۳) درياه شاه کي پنهنجي پيارين شين کي ارپڻ ڪري اکو پائجي. (۴) ڳلي ۾ ڪپڙو پائي جوت ۾ ڏيان ڏري پوڄا ڪجي. (۵) سال جي ڪمائيءَ مان چاليهين پتي ڳروءَ يا ٺاڪرن لاءِ ڪڍجي. (٦) چاليهہ ڏينهن يعني ۱۴ جولاءِ کان ۲۴ آڳسٽ تائين پاڻ کي پوتر رکڻ گهرجي ۽ آخر ۾ ڳايتري منتر اُچارڻ گهرجي.

لال سائين پڳرراءِ نڪر کي ڳاديءَ تي وهاري ۽ ماتا پتا کان موڪلائي نصرپور کان هنگلاج، منهوڙي ڪراچي ۾ ويو. جتي اڄ بہ لال سائينءَ جا مندر آهن.

سنڌ کانپوءِ چيٽي چنڊ جو اُتسو پنجاب، بمبئي، گجرات، ڪڇ، راجپوتانا، ملتان ۽ ماڙوار ۾ جلد ئي مشهور ٿيو ۽ ميلا لڳڻ شروع ٿيا.

هڪ دفعي لال سائينءَ جي ٻن شيوڪن پرمانند ۽ ٺاڪرڪوليءَ جي ٻيڙيءَ جو سنڌو نديءَ جي وچهہ ٽڪريءَ سان ٽڪر کائڻ جو حادثو ٿيو ۽ ٻيڙي ٻڏڻ لڳي. هنن ٻنهي لال سائينءَ جو ڏيان ڪري ڏاڍو ٻاڏايو. جن جي پرارٿنا کانپوءِ لال سائين ٻنهي شيوڪن کي بچايو. اِها ٽڪري سنڌو نديءَ ۾ سکر ۽ روهڙيءَ جي وچهہ آهي. جتي اڄ بہ لال سائينءَ جو مندر آهي، جنهن کي زنده پير آستان ڪوٺيو ويندو آهي. مسلمان ساڳئي مندر کي خواجا خذر آستان چوندا آهن.

لال سائينءَ هندن لاءِ ٺٽي شهر پرسان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي هڪ محلات ڪرامت سان پئدا ڪيو هو جتي هندن کي وهاري پوءِ لال سائين بادشاه مرک ۽ مسلمانن کي طوفانن ۽ آنڌين ۽ ٻوڏن حوالي ڪيو. جنهن ڪوپ کانپوءِ بادشاه مرک پيش پيو ۽ هندن سان راضي نامو ڪيو. ان کانپوءِ جيڪو محلات لال سائين ڪرامت سان پئدا ڪيو هو ۽ هندن کي ان ۾ وهاريو هو سو محلات

سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر

ماسٽر چندر جو جنم ٺارو شاه شهر ۾ ٺڪ اڄڙا آڪهہ ڏاماڻي، پتا آسنداس جي گهر ۾ ۱۴ ڊسمبر ۱۹۰۹ع برابر ۹ گيارس جي ڏينهن وڪرم سنبت ۱۹۶۵ ۾ ٿيو. سندس ماتا جو نالو رامل بائي هو. آسنداس ۽ رامل بائيءَ کي سڃي ڄمار ۾ هڪ اولاد ماسٽر چندر پئدا ٿيو.

هن جي ڇٺي ڏسي پنڊتن هن جي پتا آسنداس کي ٻڌايو هو تہ هي ٻالڪ هڪ ڏينهن چندرما وانگر چمڪندو ۽ خاندان جو نالو ڪڍندو. انڪري هن ٻالڪ جو جنم ڏن سال بہ سال ملهائيندا اچجو. ٿيو بہ ائين، هي ٻالڪ اڳتي هلي هند ۽ سنڌ جو هڪ عظيم ڳايڪ، گيتڪار ۽ شاعر ثابت ٿيو. هن جي هوندي هن جي گهر ۾ ۽ هن ڪانپوءِ هن جا ٻار توڙي هن جا عاشق اڄ بہ هن جو جنم ڏن ملهائيندا آهن.

هن جي پتا کي زمينداري ۽ باغات جو پيشو ورثي ۾ مليل هو. سندس جي ترڏاڏي ڏامومل پنهنجن پنجن پٽن سان گڏجي هڪ وڏو باغ پنهنجي هٿن سان پوکيو هو، جو جهونو باغ اڄ تائين ڏاماڻي باغ سڏبو آهي. آکهہ پڻ ان وقت کان وٺي ڏاماڻي سڏجڻ ۾ ايندي آهي.

هن سٺن انگريزيءَ تائين تعليم ٺاروشاه ۾ حاصل ڪئي. اسڪولي جيون کان وٺي ماسٽر چندر کي پڙهڻ سان گڏ شاعري، ڳائڻ ۽ چترڪلا سان بيحد پيار هو. اسڪولي جيون ۾ پنهنجي ڪلاس ۾ ڳائيندو هو ۽ اتي هن ڪافي داد حاصل ڪيو. پنهنجي استاد لوڪومل لڪاڻيءَ وٽان سنڌ جي شاعرن جا بيت، ڏوهيڙا ۽ ڪلام سکيائين. لوڪومل لڪاڻي قطب شاه جو طالب ماسٽر چندر کي روز هڪ سلوڪ، ڏوهيڙو ياد ڪري سر سان ٻڌائڻ لاءِ هدايت ڪندو هو. هن ماسٽر چندر کي راڳہ سورٺ، راڻو پيرويءِ، ڪوهياري

۽ سندس ساٿي ڪوڏڻ راءِ بئي اندر وچي الوپ ٿي ويا. جتي هڪ پاسي لال سائينءَ جي سماڌي ٺهيل آهي ۽ بئي پاسي مسلمانن جي وچهر هڪ هال ٺهيل آهي جتي هندو ۽ مسلمان گڏجي پڇن ڪيرتن ڪندا آهن. هيءُ ڏيرو اڄ بہ ماڻڪ تاري جي نالي سان مشهور آهي. (جهولي لال بيڙا پار)

★★★

بزرگن جا فيلسوفي ويچار

(۱) ٽي شيون ڪنهن جو انتظار ڪونہ ڪنديون آهن :
۱. وقت ۲. موت ۳. گراهڪ.

(۲) ٽي شيون ياءُ ياءُ کي دشمن بڻائينديون آهن :
۱. زر (ناڻو) ۲. زن (زال) ۳. زمين.

(۳) ٽن شين کي ياد ڪرڻ ضروري آهي :
۱. سچائي ۲. چرتر ۳. هنر

(۴) ٽي شيون نڪري ڪري واپس نہ ٿيون اچن :
۱. ڪمان مان نڪتل تير ۲. زبان مان نڪتل لفظ ۳. شرير مان نڪتل ساهہ

(۵) ٽي شيون جيون ۾ هڪ دفعو ملنديون آهن :
۱. ماءُ ۲. پيءُ ۳. جواني

(۶) ٽي شيون پدَ يوگيہ يا حيثيت جون نشانيون آهن :
۱. ڌن ۲. استري ۳. پوڄن

(۷) هيٺ ڄاڻايل ٽن جو سنمان ڪرڻ گهرجي :
۱. ماءُ ۲. پيءُ ۳. گرو.

....

ڪلاڪ وهاري سر تال جو گيان ڏيندا هئس. هنسراج سونارو ۽ هاسو سونارو طبلي تي سنگيت ڪندا هئا. صوفي درويش ڪاڪي جيوترام جي سنگت ۾ ماستر چندر کي صوفي درويش ڊاڪٽر روچلداس جي سنگت جو فائدو مليو. روهڙيءَ ۾ سائين روچلداس ماستر چندر کي اخلاق ۽ ويراڳ جي ڪلاس ۾ ويهاري سنگيت سان سائينءَ جي سڪ جو سبق سيکاريو. سائين روچلداس جي صحبت ۾ ماستر چندر جي ملاقات ڀڳت ڪنورام سان ٿي، جنهن جي چوڻ تي پڻ گيت ڳايا.

ماستر چندر ۲۱ سالن جي عمر ۾ نوابشاه ۾ سنگيت جو اسڪول کوليو. جتي ڪٽان ڪٽان جا گويا اچڻ لڳس. نوان نوان ترانا ٻڌڻ جو موقعو مليس. ٻڌڻ سان هو ٻڌيمان ٿيندو ويو. جت هو سرگم ۽ نمري تيار ڪري سگهيو. هن پنهنجي ساٿين تلوڪچند، گوپالداس، ڊاڪٽر وليرام هنگوراڻي، باپو شونقتراء ۽ ليکراج پنجابيءَ سان گڏجي هڪ 'دکيت سهايڪ سڀا' ٺاهي. جنهن ۾ هن سنگيت رستي غريبن ۽ مسڪينن جي شيوا ڪئي.

ماستر چندر نوابشاه ۽ ٺاروشاه ڇڏي سنہ ۱۹۳۲ع ۾ ڪراچي اچي وسائي جتي هن کي خان بهادر محمد بخش ڪوجهي ۽ ديوان وليداس جي مدد سان نوڪري ملي. رات جو سنگيت سيکارڻ شروع ڪيائين. رام باغ گاڏي ڪاتي ۾ 'چندر سنگيت ودياليہ' کوليائين. هر آرتوار تي ديوان وليداس جي بنگلي تي ماستر چندر چونڪي ڪندو هو. ۱۹۳۳ع ۾ هن جو مجاهدو دهليءَ ۾ 'هز ماسٽرس وائيس' رڪارڊنگہ وارن سان ٿيو. رڪارڊ پڙڻ شروع ٿيا. هن پهريون رڪارڊ راڳہ آساوريءَ ۾ محمد بخش ڪوجهي جي ڪلام سان پرايائين. دهليءَ ۾ مهارا-جالين اسٽوڊيو ۾ هن جي واقفيت دکايل، ڀڳت موتڻ، بيگہ الھہ رکي، جيوٽي بائي فقيري ۽ نورو نمازيءَ سان ٿي.

۱۹۳۴ ۾ هن جا رڪارڊ ٻاهر آيا. هن جو گهڻو مشهور رڪارڊ هو 'سهڻا عرض آهي' جو سندس لکيل، ڪمپوز ڪيل ۽ ڳايل آهي.

۽ آسا جي ٿوري چاڻ ڏني. پوءِ هو اسڪول جي جلسن ۾ ڳائڻ لڳو. ماستر چندر جي عمر ١٧ سال هئي تہ سندس پتا آسنداس ۽ چاچي ڪنگومل جو اوچتو ديهانت ٿي ويو. تعليم وڃڻ بند ٿي ويئي. هن جي ابوجهائيءَ جو فائدو وٺي ڏارين لکن جي ملڪيت هڙپ ڪري ڇڏي. نوڪر هليا ويا. پائيوار پڇي ويا. ان جي اوچتي ڏک هن جي حياتيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو.

ماستر چندر کي وقت سنگيت وديا جي شونق ۾ پرديس گهميو. مگر اوچتو ويراڳ لڳڻ سبب هردوار ۽ بدريناٿ پهچي ويو. جتي گرو گلراج ۽ ماتا پير جي صحبت نصيب ٿيس ۽ ٻن سالن ڪانپوءِ گروءَ جي آگيا مڃي شادي ڪئي. سندس شادي منياٽي جي پرسان سهڙا ڳوٺ مان سيٺ ميارام تلوڪچند تيجواڻيءَ جي سپتري هيتي ٻائيءَ سان ٿي.

ماستر چندر ٺارو شاه ۾ ڀائي گوڏورام جي درٻار ۾ ويندو هو. ڀائي گوڏورام سورداس هو. پر ڳاين وديا ۾ پڙ هو. ماستر چندر درٻار ۾ ڀڄن ڳائي هن جو آشيرواد وٺندو هو. سنت بہ ماستر چندر جو حوصلو افزائي ڪندو هو.

ماستر چندر پتا سان هالاڻي درٻار ۾ سائين سروپداس وٽ پڻ ويندو هو. جتي سندس چاچي ساجنداس (جو ننڍي هوندي کان اتي ارپيل هو) هن کي هارمونيم وڄي ڏنو ۽ ماستر چندر کي سرگم راڳ جي شڪل، وادي ۽ سم وادي سُرن جي چاڻ ڏني.

ماستر چندر امرومل جي سچاٽپ سان ڳوئيي امير خان کان شاستريہ سنگيت جي چاڻ حاصل ڪئي. ان وقت صوفي درويش ڪاڪو جيوترام مٺائي بہ بمبئي ڇڏي ٺاروشاه اچي رهيو هو. ماستر چندر کي ڪاڪا جيوترام مٺائيءَ وٽان پتا جو پيار، گروءَ جو اُپديش ۽ استاد جو سبق مليو. ڪاڪي جيوترام کيس پنهنجو ٻالڪ سمجهي پاليو ۽ درويش جي در تي سجدو ڪرڻ سيکاريو ۽ کيس سنگيت جي ابتدائي تعليم ڏني. روزانو ڪلاڪن جا

ضيا صاحب ماستر چندر جي گيتن، سنگيت ۽ شاعريءَ کي ٻڌي ڏاڍو منتظر ھو تہ ساڻس ملان. ھن جي ملاقات ماستر چندر سان ١٩٣٩ ۾ ڀڳت کنوررام جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ٿي. ضيا صاحب ملاقات کان اڳ پنھنجي شاگرد ھٿان ماستر چندر کي شاعريءَ ۾ نياپو موڪليو ھوس :

'دل آھي ھٿن ۾ تو خريدار کي ڳولھيان،
بازار محبت ۾ طلبگار کي تو ڳولھيان،
واپار ضيا اھڙو نصيبن سان ٿئي ٿو،
دل مفت ۾ ھڪ عاشق ناشاد ڏئي ٿو.'

ماستر چندر ضيا جي سادن سودن لفظن واري شاعريءَ تي عاشق ٿي پيو. ٻنھي جي محبت اھڙي وڌي ويئي جو ھر محفل، مجلس، سنگيت پروگرامن ۾ گڏ رھندا ھئا. ماستر چندر ضيا جي ڏيءَ کي نونھن بڻايو. ضيا جي دوستي ١٩٥٨ تائين قائم رھي. ضيا گذاري ويو. تڏھن ماستر چندر چيو 'قربدار ضيا، محبوب ضيا، منھنجو رفيق ضيا، سدا امر ضيا'

ماستر چندر کي سچي حياتيءَ ۾ پنج پٽ گوپ، ڪنعيو، منسکہ، ھرداس ۽ مھيش چندر ۽ پنج نياڻيون ڄايون. ١٩٤٥ ۾ ھن جا ٻہ پٽ منسکہ ۽ ڪنعيو جوانيءَ ۾ گذاري ويا. پنھنجي پيارن ٻنھي فرزندن جي اوچتي ديھانت ماستر چندر جي زندگيءَ ۾ ولولو پئدا ڪري ڇڏيو ۽ تنھن کانپوءِ ھن ٻہ سال وئراڳہ ۾ گذاريا.

ٿوري ئي عرصي کانپوءِ ھندستان جو ورھاڱو ٿيو. فرزندن جي اوچتي جدائي ۽ ورھاڱي جي ڏکہ ماستر چندر جي قلم مان ڪيترن نون گيتن کي جنم ڏنو. انھن گيتن ۾ انتھائي ڏک سمايل ھو. انھن گيتن کي ھن سوز ۽ درد ۾ ڳايو ھو. ١٩٥٥ ۾ ماستر چندر سنڌ ۾ ڪوٽ تي ويو. جتي ھن جو گيت وطن کان جدا ٿيڻ وارو 'مالڪ تون درد ڪٿيندين' گيت ڳايو. تڏھن اُتي جي سنڌي ھندن توڙي سنڌي مسلمانن اُھو گيت ٻڌي زارون

رڪارڊن جي گيتن جون ٽڪون هندن چاهي مسلمانن جي لبن تي ترنديون هيون. ان سال ۾ بمبئي فلم ڪمپنيءَ وارن پيار سان کين چونڊيو. جتي آل انڊيا مووِيٽن ڪمپنيءَ جي ٽن فلمن (۱) مؤت ڪا طوفان (۲) پريم پريڪشا ۽ (۳) دلارا ۾ ڪم ڪيائين ۽ سموري ميوزڪ پڻ ڏنائين. بمبئيءَ ۾ فلمي دنيا ۾ ڪم ڪندي هن 'وشنو ڊگمبر وديالیہ' ۾ سنگيت جي ڄاڻ ڪئي. اهڙيءَ طرح ماستر چندر ڪيترن سڄاڻ سنگيتڪارن کان سنگيت سکيا حاصل ڪري هيءُ هڪ پختي گايڪ جي حيثيت ۾ ميدان ۾ آيو.

ماستر چندر جي اداڪاريءَ ۽ گايڪيءَ کان متاثر ٿي ٻي فلم ڪمپنيءَ 'بامبي ٽاڪيز' پنهنجي فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آڇ ڪئي. اها فلم هئي 'اڇوت ڪنيا'، جنهن ۾ هيروئن ديويڪا راڻي هئي. جيئن ته اڳينءَ فلم ڪمپنيءَ سان ائگريمينٽ ٿيل هئي، انهيءَ ڪري ٻي فلم ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نہ مليس. ان ساڳي فلم لاءِ هيرو جي رول لاءِ اشوڪ ڪمار کي چونڊيو ويو. ان ڳالھ ماستر چندر جي دل ڪٽي ڪري وڌي. فلم دنيا کي تياڳ ڪري ۱۹۳۵ ۾ پنهنجي وطن واپس وريو ۽ سنگيت پروگرامن ۾ اهڙو تہ مشغول ٿي ويو جو کيس فلمي دنيا ۾ واپس وڃڻ جو موقعو ئي نہ مليو. رڪارڊن جي ڪري هن جو ڪافي نالو ظاهر ٿي چڪو هو. تنهنڪري چؤطرف کان ماڻهو کيس ڇاهڻ لڳا. ايتري قدر جو ڏنڊو ئي گيان وديا تي پيو هوس جو آخر تائين هلندو آيس.

قطب علي شاه جو گادي نشين سائين روشن علي شاه، سائين هادي بخش، دادن شاه، نصير فقير، درازن جو فقير قلندر شاه، قلندر شاهباز جا گادي نشين، هالائي، جتوئي، مانجهندن، روهڙي وسڻ گهوٽ، پارو شاه ۽ ٻين درگاهن ۽ درٻارين جا سنت درويش هن جو ڳائڻ ٻڌي کيس دعائون ڏيندا رهندا هئا.

سنڌي قصا جهڙوڪ سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي، هير رانجهو وغيره ماستر چندر جي پروگرامن جا خاص اسم هئا.

هن کي ’ڳڻ ديوتا‘ ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. هن جيڪو ڪجهہ ڳايو عوام لاءِ ڳايو. پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ ڳايو، اِهو ئي سبب آهي جو هن ڪلاڪار جو نالو هر سنڌيءَ جي زبان تي هڪ قصي ڪهاڻيءَ ۽ داستان جيئان ترندو رهيو آهي ۽ انهيءَ ڪري هن کي ليجينڊ آف سنڌ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. ماستر چندر سنگيت جي دنيا جو سرتاج، آواز جي دنيا جو بيتاج بادشاھ، سنڌي قوم جو شان ۽ هڪ عاليٰ ڪلاڪار هو.

ماستر چندر پنهنجي جيئري پنهنجي پڳہ فرزند مهيش چندر کي پارايائين. هن کي جيئري ڳادي نشين ٻڻايائين. مهيش چندر پڻ پنهنجي پتا جي نقش قدمن تي هلي سنڌي، اُردو ۽ هندي سنگيت جا ڳهڙا پري رهيو آهي. هن ڪيترن فلمن ۾ پلي بئڪ ۽ ميوزڪ ڊئريڪشن ڏني آهي. مهيش چندر ديش ۾ پڻ پنهنجي سنگيت ڪلا جو جوهر ڏيکاريو آهي. سندس وڏو ڀاءُ گوپ چندر پڻ آميريڪا ۾ سنڌي، اُردو ۽ هندي سنگيت جي ورڪا وسائي رهيو آهي.

ماستر چندر جسماني طور ۴ نومبر ۱۹۸۴ع ۾ اسان کان سدا لاءِ وڇڙي اکين کان دور ٿي ويو. پر ساز ۽ آواز جي هيءَ جوت اجر امر آهي. ڪڏهن بہ وسامڻ يا جهڪي ٿيڻ واري ناهي. هيءُ هڪ اهڙو سلسلو آهي جو ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ وارو ناهي. سنگيت آچاريہ ماستر چندر پنهنجي سپوت مهيش چندر جي روپ ۾ اڄ بہ اسان جي وچہ موجود آهي. شال جوت مان جوت جلندي رهي.

★★★

زار رنو ۽ اکين مان ڳوڙھا ڳاڙيائون.

ورھاڱي کانپوءِ ھن ھند ۾ نھيل فلمن، اباڻا، جھولیلال، لاڏلي ۽ سنڌوءَ جي ڪناري ۾ پنھنجي اداڪاري ڏيکاري ۽ گيتن سنگيت جو جوھر ڏيکاريو. ماستر چندر جي ساک ھندن چاھي مسلمانن ۾ ايتري تہ وڌي ويئي جو ھن جو ھر لکيل ۽ ڳايل گيت ماڻھو پنھنجي داستان ڪري سمجھڻ لڳا. ھن جي ڳائڪيءَ، سريلي آواز سڄي سنڌ ۾ ترٿلو مچائي ڏنو. ايتري قدر جو ٻين غير ھندو پيشي وارن ڳائيندڙن جو روزگار بند ٿي ويو. ھنن نہ ٿي چاھيو تہ ھندو موسيقيءَ ۾ ميدان ماري وڃي. انھيءَ ڪري ھن تي نہ فقط ھڪ دفعو گوليءَ سان حملو ٿيو، پر ھن کي زھر ڏيڻ جي ڪوشش پڻ ڪيائون. پر 'جنھن کي راکي رام تہ ماري ڪون.' تنھن کانپوءِ ھند-سنڌ جي ننڍي ڪنڊ جي فنڪار جي باري ۾ ڪيئي اُفواہ ڦھلجندا رھندا ھئا. پر ماستر چندر انھن جي ڪابہ پرواہ نہ ڪري ھٿ ھاج ۾ دل يار ڏي ڪري ڇڏيندو ھو.

ھند-سنڌ جو عظيم ڳائڪ، سنگيتڪار ۽ شاعر ماستر چندر حياتيءَ جا پويان ٿورا سال ايشور ڀڳتيءَ ۾ گذاريا. ١٢ سالن کان ٧٥ سالن تائين لڳاتار ھن سنڌي ڳائڪ ڪلاڪار پاڻ کي گيت ۽ سنگيت سان زندہ رکيو. ماستر چندر پنھنجي سڄي عمر عاليٰ جيون گذاري. صوفي طبيعت جو انسان ھو. ھر ڪنھن جو خير گھرندو ھو. ماستر چندر پنھنجي آواز ۽ شاعريءَ ذريعي سنڌين کي عشق مجازي ۽ عشق روحاني جي عميق ۾ سالن تائين ٽٻيون ڏياريون. آواز جي دنيا جي جادوگر پنھنجي سريلي آواز سان ھندو چاھي مسلمانن کي اھڙو تہ جکڙي ڇڏيندو ھو جو ٻڌندڙ مٿس گھورون گھوريندا ھئا. چندر جو سنگيت پروگرام معنيٰ 'اِندر سڀا'. مجال آھي جو ڪوبہ ھن جي پروگرام وقت پنھنجي جڳھہ تان اُٿي. ماستر چندر جوان دلين جي ڌڙڪن ھو. ھن جي ڳائڪيءَ جو مکيہ ڳڻ آھي جذبات جو بھترين نمونو اظھار ڪرڻ.

’ڀارت ڇوڙو هلچل‘ وقت سرڪار وڏن وڏن اڳوانن جهڙوڪ مهاتما گانڌي، جواهرلال نهرو، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، مولانا آزاد ۽ ٻين نيتائن جئہ پرڪاش نارائڻ، رام منوهر لوهيا، اڇيوت پٽوڌن، ارونا آصف علي کي ۸ آگسٽ ۱۹۴۲ع کان وٺي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو.

سنڌ، هندستان جي ننڍي ڀرڳٽي هوندي بہ ديش لاءِ وڏا وير پئدا ڪيا. سنڌي هرهنڌ آزاديءَ جي آندولن ۾ هڪٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا. سنڌ ۾ ڪراچي، لاڙڪاڻو، سکر ۽ حيدرآباد آزاديءَ جي آندولن جا مکيہ شهر هئا. سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ مارشل لا لڳايو ويو هو. سنڌ جي پير پاڳاري انگريز سرڪار کي اکيُن ئي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو، جو انگريز سرڪار حرن جي برخلاف هئي. پوءِ گوپالداس جميتراءِ جي زور تي پير پاڳاري آزاديءَ جي آندولن ۾ ڀهرو وٺي انگريزن کي ڏاڍا ٽوتا چٻايا. ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سکر ۾ اسانجي سنڌي اڳوانن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو. جن ۾ هئا ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، دادا جيرامداس دولترام ۽ شري چوئٿرام وليچا. عام جنتا جي رهنمائيءَ لاءِ ڪوبہ وڏو نيتا ٻاهر نہ رهيو هو. انڪري گانڌيءَ ڪليو اعلان ڪيو، ’ڪرو يا مرو‘. بس پوءِ تہ ڀارت جي جنتا للڪاري اُٿي. نوجوان ۽ وديارٿي پڻ سرڪار سان مقابلو ڪرڻ لاءِ آزاديءَ جي ان تحرڪ ۾ ٽپي پيا. هنن سِرَ جي سَٽَ ڏني. البت ڪن هنسا جي واٽ ورتي. پر ايترو ضرور هو تہ هنن جي دلين اندر ديش پريم جا مچ ٻري رهيا هئا. اهڙي ماحول ۾ اسانجي سنڌڙيءَ جي ۱۸ سالن جي نوجوان وديارٿيءَ هيمون ڪالاڻيءَ شهيديءَ جو شرف حاصل ڪيو.

۲۳ آڪٽوبر ۱۹۴۲ع ۾ ’ديش ڇوڙو هلچل‘ ۾ انقلاب زنده آباد ۽ هندستان آزاد جا نعرا لڳائڻ، ڇپيل پترا ورهائڻ انگريزن خلاف گپت ميٽنگين ۾ ڀاڱ وٺڻ ۽ ٻين ڪارين ۾ سرگرم ڀهرو وٺڻ سبب ڪيترن ئي سنڌي اڳوانن کي بہ ٽي دفعا جيل ۾ ياترا

اَمر شهيد هيمو ڪالاڻي

هيمون ڪالاڻيءَ جو جنم ٢٣ مارچ ١٩٢٤ع سکر ۾ سنڌ جي مشهور ڪالاڻي خاندان ۾ ٿيو. جِن جونُ جنتا لاءِ شيوائون ڪنهن کان ڳجهيون ڪونہ آهن. هن جو پتا پيسومل هڪ فزيشن هو. هن جو چاچو منگهارام ڪالاڻي بہ هڪ مشهور ڊاڪٽر ۽ سوتنتر سنگرامي هو. هن پراڻي سکر ۾ اي.وِي. اسڪول مان ڇهون درجو پاس ڪري سکر ۾ تلڪ هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺي مئٽرڪ پاس ڪئي.

هيمونءَ پنهنجي تندرستيءَ تي گهڻو ڌيان ڏنو هو. چاڻندو هو 'بدن مظبوط تہ منوبل مظبوط'. ننڍي هوندي کان ڪثرت جو شوق هوس. اِنڪري قُرت ۽ چست هو. هو سکر جي ڪرشنا منڊل جيمخانہ جو وديارٿي هو. هن ڪُشتيءَ ۽ ڪبڏيءَ ۾ ڪيترائي اِنعام حاصل ڪيا هئا. سائيڪل هلائڻ ۾ پڻ ماهر هو ۽ اُن تي هن وڏا سفر طئہ ڪيا هئا. هن لاءِ درياہ ۾ ترڻ هڪ وندر هئي. اِسڪولي وقت کان هيمون ڪرانتيڪاري ويچارن ۽ آزاديءَ جي ڀاونائن سان ڀرپور هو. سندس چاچي منگهارام ڪالاڻيءَ 'سوراج سئنا منڊل' برپا ڪيو هو. جتي آزاديءَ جا پروانہ تيار ڪيا ويندا هئا. منجهن ديش خاطر مري منجڻ جي ڀاونا ڀري ويندي هئي ۽ قوائد سيکاريو ويندو هو. هيمون ڪالاڻيءَ جي دل اندر آزاديءَ جي لهر ڊوڙي رهي هئي. کيس اِها تمنا هئي تہ سردار ڀڳت سنگهہ وانگر هو ديش مٿان بليدان ٿيندي ڦاسيءَ تي چڙهي. هو دل جو مظبوط هو. هن جي همت ڏسي هنجي چاچي هن کي سوراج سئنا منڊل جو اڳوان بڻايو.

ديش ۾ آزاديءَ جي هلچل ١٨٥٧ واري بلوي کان چالو هئي. ڀارت جي آزاديءَ جي تحرڪ ۾ ڪيترن ئي نوجوانن قربانيون ڏنيون هيون. اسانجي سڳوريءَ سنڌ پڻ پاڻ موکيو. ١٩٤٢ع جي

تي ويو. آخرين خواهش ۾ هن ماڻهن کي ٻڌايو تہ سيٺي بهادر تي زور شور سان آندولن هلائي ديش مان انگريزن جو راڄ هٽايو ۽ ديش آزاد ڪرايو. هيمون ڪالاڻيءَ پنهنجو سِرُ ڏئي عظيم قرباني ڏيندي امر بليدان ڏنو. سزا ٻڌائڻ کانپوءِ قربانيءَ جي خوشيءَ ۾ هن جي تور سَتن کان اٺن پائونڊن تائين وڌي ويئي.

هيمون ڪالاڻيءَ جي دل جي اِها ئي تمنا هئي تہ هو ديش ۾ سؤمان، سنمان ۽ سمانتا جي زندگي گذاري. ڀارت جو شان اوچو ٿئي. ڀارت انگريزن جي غلاميءَ کان مڪتي پائي. سوراڄ حاصل ڪري خوشحال ۽ آسودو ٿئي.

هن جي ڦاسيءَ جي خبر ٻڌي سڄيءَ سنڌ جي ماڻهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. سکر ۽ اُنجي پسگردائيءَ وارن ڳوٺن جي ماڻهن هن جو انتم درشن ڪيو. ١٩٤٥ع ۾ پنڊت جواهرلال نهرو سکر ۾ هن جي ماڻٽن سان مليو ۽ شرڌانجليءَ جا ٻہ اکر ڳالهايا. جواهرلال نهرو آزاديءَ کانپوءِ بہ هيمون ڪالاڻيءَ جي ماڻٽن سان بمبئيءَ جي نزديڪ چئمبور ۾ پڻ مليو ۽ ڏک ۾ ڏکي ٿيو.

هيمون ڪالاڻيءَ جي ياد ۾ سرڳواسي پرڌان منتري اندرا گانڌيءَ ١٨ آڪٽوبر، ١٩٨٣ع ۾ دهليءَ ۾ وِشوَ سنڌي سميلن جي موقعي تي ٽپال ٽڪلي جاري ڪئي ۽ سندس ماتا جيٺي ٻائي پيسومل جو سنمان ڪري سنڌين جو مانُ مٿي ڪيو. انهيءَ پروگرام تي شاعر دڪايل، بيوس جي لفظن ۾ ٻہ اکر ڳالهائيندي چيو :

اُهي ماءُ پيءُ مرڪن
جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين
تہ صدقي ديش تان تن من
ڪرڻ جهڙي نہ ٻي خدمت

ڪيترن ئي شهرن ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جا پتلا يعني سمارڪ قائم ڪيا ويا آهن ۽ ڪيترن رستن ۽ رستن جي چونڪن تي پڻ هيمون ڪالاڻيءَ جا نالا ڏنا ويا آهن. مهاراشٽرا سرڪار امر شهيد هيمون ڪالاڻي يادگار منڊل کي چئمبور ۾ هڪ سندر پلاٽ ڏنو

ڪرڻي پئي.

هلچل جي ان ماحول ۾ سنڌ جي ڪرانتيڪاري شهر سکر ۾ هڻڪار نوجوان هيمو ڪالاڻيءَ کي انگريز سولجرن باروت جي پريل ريل گاڏيءَ کي ڪيرائڻ لاءِ، فش پليٽون ڪڍڻ لاءِ، ريل جي پٽن جا نٽ بولٽ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندي، هٿوڙي ۽ پاني سميت سڳہ سودو پڪڙيو. هن کي ڪيتريون ئي سختيون ڏنيون ويون. ٽنل واريءَ تي، برف جي ٿڌين ڇپن تي ليٽايو ويو. پر هن شير پنهنجي باقي ساٿين جا نالا ظاهر نہ ڪيا. ’هٿوڙو ۽ پانو‘ ٻن اوزارن کي هِنَ پنهنجو ساٿي ڄاڻايو. جن جي مدد سان هو پٽن کي اُکيڙڻ جو انقلابي ڪاريہ ڪري رهيو هو. هيمون ڪالاڻيءَ تي عام پبلڪ جي غيرحاضريءَ ۾ يعنيٖ ڪئميرا ۾ ڪيس، مارشل لا ڪورٽ ۾ هلايو ويو. جيتوڻيڪ سرڪار هن کي وڪيل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو تہ ڪورٽ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ کي بچاءَ لاءِ وڪيل ڏنو وڃي پر هن سرڪار کي انڪار ڪيو. هن فخر سان ڪورٽ کي ٻڌايو تہ ملٽري ۽ هٿيار ديشواسين جي آزاديءَ خلاف آندا ويا هئا. انڪري هن ملٽريءَ جي گاڏيءَ کي برباد ڪرڻ جو حق سمجهو. هن کي مارشل لا ڪورٽ عمر قيد جي سزا ڏني. پر حيدرآباد جي مارشل لا ڪورٽ هيڊ ڪوارٽرس مان ظالم ’لارڊ رچرڊسن ڪمانڊر‘ سزا وڌائي هن کي ڦاسيءَ ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

هيمو ڪالاڻي موت جي سزا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمجهائين تہ هيءَ بہ سردار ڀڳت سنگهہ وانگر ديش تان قربان ٿيو. هن سوچيو تہ ٻئي جنم ۾ اچي ديش کي آزاد ڏسندس. هن جي سزا گهٽائڻ لاءِ سوامي هرنامداس ساڌو ٻيلي سکر واري، دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ ۽ ٻين گورنر جنرل کي يعنيٖ لارڊ لنلٿگو ۽ هن جي سرڪار کي سفارش ڪيائون پر سرڪار پنهنجي ارادي کان هڪ انچ بہ نہ هٽي. برابر ۲۱ جنوري ۱۹۴۳ع تي هيمو ڪالاڻي انقلاب زنده آباد ۽ هندستان آزاد جا نعرا هڻندي سکر جي سينٽرل جيل ۾ ڦاسيءَ جي ڦندي کي خوشيءَ سان چمندي ڳلي لڳايو ۽ شهيد

شاعر پرسرام ضیا

شري پرسرام هیرانند سچانندائيءَ جو جنم ۱۱ جولاءِ ۱۹۱۱ع ٽنڊي آدم سنڌ ۾ ٿيو. هن ۲۸ آڪٽوبر ۱۹۵۸ع ۾ سنڌونگر ۾ پنهنجو آخرين ساهہ کنيو. ۴۷ سالن جي زندگيءَ ۾ هن هزارين شعر لکيا جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا مگر شعرن جي مجموعي طور هن جا چار ڪتاب ڇپيل آهن : (۱) تصوير احساس (۲) آلاپ ضيا (۳) گيت برہ جا (۴) پيغام ضيا. پهرين ڪتاب 'تصوير احساس' تي سنڌ ۾ ڪيس سرڪار طرفان انعام عطا ٿيو. ٻيو ڪتاب 'آلاپ ضيا' ڊسمبر ۱۹۵۸ع ۾ سندس موت پڄاڻان ڊاڪٽر ديالا آشا طرفان ڇپايل آهي. ٽيون ڪتاب 'گيت برہ جا' ۽ چوٿون ڪتاب 'پيغام ضيا'، سنہ ۱۹۹۷ع ۽ سنہ ۱۹۹۹ع ۾ ضيا ساهتيہ مالها طرفان ظاهر ڪيل آهن. ضيا سکمنيءَ جو سار سنڌيءَ ۾ سٽايو. نہ فقط سکمنيءَ پر گيتا جو سار بہ سنڌيءَ ۾ سٽايو. سنڌيءَ ۾ گيتا جو ارٿ ڪري عام سنڌين سان هن وڏو وڙ ڪيو جو اڄ بہ گيتا جهڙي نيتي شاستر جو گيان سرل نموني پراپت ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهنجي جيون ۾ هنڊائي سگهجي ٿو. ٻنهي گرنٿن جو ترجمو پختو ۽ معنيٰ پريل ڪيل آهي. ضيا صاحب سائيءَ نموني جپ صاحب ۽ نائين محلي جا سلوڪ پڻ سنڌيءَ ۾ سرل نموني سٽايا آهن.

ضيا صاحب جا ڪيئي شعر روزاني هندستان اخبار ۽ تنهن وقت جي روزاني سنسار سماچار ۾ 'سوٽائي' ۽ 'سپاهي' تخلص سان ڇپيا ۽ اُن جون چونڊيون، 'سگريٽ باز جا گفتا' ۽ 'سپاهيءَ جا سخن' ورهاڱي بعد واري پهرين ڏهاڪي ۾ ظاهر ٿيون ۽ ماڻهن اُهي خريد ڪيون. ائين سندس نالي هن ريت ٻيا بہ ڪتاب لکيل آهن، 'باغ بهار' ۽ 'ٻال گيت' جن تي ڪيس مرڪزي سرڪار جو انعام مليو. درد جي لهس ڪيس شاعر بڻايو هو. هن پنهنجو

آهي. هينئر اُن پلاٽ تي شهيد يادگار لاءِ هڪ عاليشان يادگار جو نرماڻ ڪيل آهي. جتي سماج شيوڪ پنهنجون شيوائون ڏئي سماج شيوائون ڪندا آهن. هن جڳهہ تي ١٩٩٢ع سال کان وٺي هر سال ساليانو اُتسو ملهائڻ جو پروگرام هاڻي بہ ٿيندو آهي (شهيدون ڪي چتائون پر لگينگي هر برس ميلي) جتي نوجوان ڀائر ۽ ڀينر پرتگيا پتر ڀري سنڌي سماج ڀاران، ڀارت ديش ڪي شڪتي شالي بڻائڻ لاءِ قسم کڻندا آهن.

اسانجي سنڌونگر ۾ بہ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو سمارڪ جي روپ ۾ ۴ نمبر ۾ هيمون ڪالاڻي چونڪ تي وينس سئنيما جي ڀرسان لڳل آهي. جتي رات جو بتيون جهرمر لڳائينديون آهن ۽ هڪ وڏو ڦوهارو پڻ ڀاڻيءَ جي راند ڏيکاريندو آهي. لنگهندڙ ڀائيندڙ اهڙو سندر نظارو ڏسي آنند ماڻيندا آهن.

سردار ڀڳت سنگهہ ۽ هيمون ڪالاڻيءَ جهڙن کي ڏسي شال ديشواسين جي من ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا پراپت ٿئي ۽ ديش مٿان ڪنهن بہ آپتيءَ اچڻ تي مقابلو ڪري انهن وانگر قربان ٿين. اهڙن جوانن کي اتهاس پرنام ٿو ڪري جن ديش جي آزاديءَ لاءِ لڙندي پنهنجون قربانيون ڏنيون.

★★★★

سان وينو هو، جنهن ٻڌايس تہ سامهون جو شخص ڏسين ٿو اُهو شاعر پرسرام ضيا آهي.

گوبند ڀاٽيا لکيو آهي : مون پنهنجي واقفيت ڏئي هٿ اڳيان وڌايو. مگر ضيا مشڪي پنهنجو هٿ پنيان ڪيو. ڀاٽيا صاحب غيرت مان پڇيس، مون سان دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ نٿا چاهيو؟ ضيا جواب ڏنس قبلا، منهنجا هٿ ميرا آهن. هينئر پريس مان ڪمپازيٽر جي ڊيوٽي ڏئي موٽيو آهيان ۽ منهنجا هٿ چڪني ڪارائڻ ۾ رڱيل آهن. مون زبردستيءَ سندس هٿ پڪڙي پنهنجي هٿ جي آڱرين ۾ ڀيڪوڙي ڇڏيو ۽ چيو، ’خدا جا بندا مونکي اِهو ڪارو برڪتي هٿ ڪجھ وقت تہ منهنجي هٿن ۾ رهڻ ڏيو جيئن منهنجو هٿ بہ برڪتي بڻجي پوي.‘ ڏاڍي نينهن ڀري نظر سان مون ڏانهن گهوري نهاري مشڪڻ لڳو ڳويا ڳونگين اکين سان ائين چئي رهيو هو ’اڄ ڪانپوءِ اسان زندگي ڀر جا ساٿي آهيون.‘

ڪلاڪارن ۾ شاعر بہ تين ٿا ۽ ڳايڪ بہ تين ٿا. شاعر سرجڻ ڪري ٿو ۽ ڳايڪ ان ۾ سُر ڀري ٿو. ضيا جي گيتن ۾ چندر سُرَ ڀريا ۽ ٻئي امر ٿي ويا. چندر چنڊ کي چوندا آهن. ضيا جو مطلب آهي سج. قدرت چنڊ ۽ سج جي جوڙي ’چندر ۽ ضيا‘ جي روپ ۾ ٺاٺي. هن جوڙيءَ جي رڪارڊن سڄي سنڌ ۾ طوفان مچائي ڇڏيو. ۱۹۳۹ع کان ۱۹۴۷ع تائين پرسرام ضيا جي سادن سودن لفظن واري شاعريءَ ۽ ماسٽر چندر جي سوز ڀرئي آواز سنڌين جي مَنَ کي خوب ريجهايو. ’دل آهي هٿن ۾ خريدار ڪي ٿو ڳولهيان‘ - ’ڪبوتر ڪبوتر‘ - ’تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان سهڻا ڪين رهايو ٿو‘ - ’ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا خبر ٻڌاءِ‘ - ’توکي آهي خنجر واهڻ جي عادت‘ - ’اڪ ملي اڪ سان تہ منڻن ۾ صفائي ٿي وئي‘ وغيره گيتن ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا کي ڪافي مشهور ڪيو. ٻنهي جي محبت اينتري وڌي ويئي جو هر محفل مجلس، سنگيت پروگرامن ۾ ٻئي گڏ رهندا هئا.

تخلص پوءِ 'پرسو'، 'رنجور'، 'قاضي' ۽ آخر ۾ پنهنجي اُستاد مراد عليءَ ڪاظم جو رکيل تخلص 'ضيا' قبول ڪري پاڻ کي ظاهر ڪيو.

سندس اُستاد مراد علي ڪاظم کيس چيو تہ جيئن هارمونيم سکڻ لاءِ، پيانو هلائڻ لاءِ، ناچ ڪرڻ لاءِ، اڀياس ۽ رياض ضروري آهي. تيئن شاعريءَ لاءِ بہ فن ۽ زبانيءَ جي ڄاڻ ضروري آهي ۽ جوانيءَ ۾ ئي ضيا صاحب، 'هز ماسٽر وائس' رڪارڊنگ ڪمپنيءَ طرفان آفيشل شاعر بڻجي ويو. کيس جيڪي ڳائڻا مليا سي آهن ماسٽر چندر، ماسٽر پرمانند ساگر، ماسٽر مکڻ، ڀڳت موتڻ، ڀڳت ڄاڙا رام ۽ مائي جيوڻي وغيره.

ضيا صاحب بدن جو پورو پنو، ڏگهو، کليل پيشاني، چپن ۽ اکين ۾ رقابت، ۽ مرڪ جو رقص، ۽ وقتي گهڙي لنبي ماڻ. هيءُ دل جو ۽ لفظن جو بادشاھ هو. فقيريءَ ۾ بہ اميريءَ جو لطف ماڻيندو هو. طبيعت جو بہ مسڪين تہ آرٽڪ طور بہ تنگ دستي ۽ بدحاليءَ ۾ اڪثر مبتلا رهيو. پر شڪوه شڪايت ڪان ڏه ڪوه ڏور. شايد ان صبر ۽ خودداريءَ سندس قلم کي اُهڙو جلوو عطا ڪيو جو هن هرهڪ رچنا کي 'شاهڪار' بڻايو. ١٩٥٣ع ۾ 'استالن' ۽ اُن بعد 'امن' تي رچيل سندس ڪويتائون وشو ساهتيہ جي بهترين رچنائن ۾ شمار ڪيل آهن. سنڌين جو مجسم-سنڌي روايتن جو جيئرو ڄاڳندو روپ سندس شخصيت ۽ وهنوار ۾ ملندو. انيڪ مشڪلاتن ۽ ناموافق حالتن ۾ رهندي هن سنتوش ۽ شرافت جو دامن ڪين ڇڏيو. هو سريشٽا پي هو تہ درشٽا پي هو. هن 'علم عروض' جو مڪمل اڀياس ڪري چند سڳنڌ سان نئين سنڌي شاعريءَ ۾ انيڪ نَوَل شاعرن جي رهبري ڪئي. جن مان ڪيترا اڄ بہ استاپت ۽ مشهور شاعرن جي روپ ۾ سنڌي ادب جو خزانو مالامال ڪري رهيا آهن.

ڪيترا زخميل روح هن سان ملڻ لاءِ بيتاب هئا. هڪ شام ضيا برنس گارڊن ۾ ويو. جتي اديب گوبند ڀاٽيا ڪنهن دوست

ڪواليفڪيشن جي غيرحاضريءَ ۾ هن لاءِ اسڪول کي تعليم کاتي
گرانٽ نہ ڏني. اُنهيءَ حالت ۾ پوءِ بہ هن کي سنڌو ايڊيوڪيشن
سوسائٽيءَ ڪيس ڪيسي مان پگهار ڏيندي رهي.

ضيا صاحب جي دؤر ۾ جيڪي بہ سنڌي فلمون نڪتيون،
اُن جا گيت هن صاحب لکيا ۽ سندس پهريون گيت آهي :

’هڪ بہ ٽي چار پنجون نمبر ڪئمپ
ڪڏون ڪوٺا واٽ تي بتي نہ ڪا لئمپ.‘

آخر ۾ افسوس سان لکڻون ٿو پوي تہ اڄ چرنن ۾ ويهي
ادبي دنيا ۾ پرويش ڪرڻ وارا ۽ ڪائنس ئي سڀ ڪجهہ پرائڻ
وارا ڪيس بنهہ وساري ويٺا آهن ۽ ايتري سعادتمندي ڪونہ رهي
اٿن جو ضيا صاحب جا ڪي تہ گڻ ڳائين ۽ سندس اڪيچار رچنائون
ڇپائن يا ڇپائڻ لاءِ مدد ڪن ۽ اُنهن جو ڦهلاءُ ڪن. اڪادميز
۽ بين سرڪاري اِمدادن تي پلجندڙن ۽ علمي ادارن ۾ بہ شعور
۽ چاهہ نہ رهيو آهي ۽ ضيا صاحب کي صفا نظرانداز ڪري ويٺا
آهن. اُميد تہ ڪي سچا قدردان نڪري نروار ٿيندا ۽ ضيا صاحب
جي خواهشن کي سورج جي روشني ڏيکاريندا.

ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو پر سدا سڀاجهو
۽ لڄاري سڀاءُ وارو شخص هو. سندس ڪاويہ ڪيتر ۾ ڪيل شبوائون
بينظير آهن.

’وسارڻ سان نہ وسرن ٿيون
پنهنجي محبوب جون ڳالهيون
سدائين ياد سي رهنديون
محبت پيار جون ڳالهيون.‘

(نوٽ : ’ساهتيڪار‘ ساليانی رسالي ۹۲-۹۱ ۽ ضيا جي رسالي جي
مدد سان لکيل)

ورھاڱي کانپوءِ پڻ اِھا محبت جيئن جو تيئن قائم رھي. ايتري قدر جو ماستر چندر پرسرام ضيا جي ڏيءَ کي پنھنجي نُنھن بڻايو. ماستر چندر پرسرام ضيا جي گيتن جا ڪافي رڪارڊ پرايا ۽ ڳايا جيڪي اڄ پڻ سدا بھار ۽ سدا حيات آھن.

سنڌ ۾ بيوس ۽ عزيز کان پوءِ ضيا سنڌي نئين ڪويتا جو باني ھو. بيوس، عزيز ۽ ضيا جي ترمورتيءَ سنڌي ڪويتا کي ھڪ نئون موڙ ڏنو. ضيا صاحب ڪو عالم ۽ فاضل ڪونہ ھو. پر ھن کي اِلاھي ذات عطا ڪيل ھئي. چندر سالن تائين انيڪ شاعرن جا گيت ڳايا ۽ ڦھلايا، ليڪن ضيا جا ڳايل گيت جادو بيانيءَ جا مرڪب ھئا جي اڄ بہ لوڪ پريہ ۽ روح کي ريجھائن ٿا.

ورھاڱي کانپوءِ يارت ۾ اچي ضيا صاحب اوائلي خانہ بدوش حالت ۾ پاڻ کي ڪن بين شھرن ۾ ٽڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس روح لڳاتار سنڌونگر ۾ وسندو رھيو ۽ پوءِ پاڻ بہ اچي سنڌونگر ۾ دابو ڪيائين. لک شڪرانہ مالڪ مھربان جا جو اڄ بہ سندس نواس آستان سندس فرزند شري نارائڻ سنيالي وينو آھي جو سچ تہ اسان سنڌين لاءِ زيارت جو در آھي ۽ لاشڪ تيرٿ آستان آھي. جن ڪوئڙرين ۾ تيل جي ڏيئي ۽ گاسليٽ جي بتين تي نُور نچوڙي پاڻ کي ضيا ڏکيو سکيو رکي سنڌ جي وڇوڙي جا درد ڳايا ۽ مذاقي نوع ۾ خانہ-بدوش سنڌين جي قياس جوڳي حالت ۽ ڪئمپ ۾ سندس آھنجن ۽ ايذاون جي دُردشا دل کولي اظھار ڪئي. بيو وري وقت جي حڪومت جي لاغرضائيءَ ڏانھن ھن وقت بہ وقت يا چئجي تہ ھر روز 'سوٽائيءَ' ۽ 'سپاھيءَ' جي تخلص سان خوب تنقيد ڪئي ۽ سندن نڪ ڪٽيو.

ضيا صاحب سنڌونگر ۾ ۱۹۵۴ع ۾ نيتاجي ھاءِ اسڪول ۾ ماستري پڻ ڪئي جا نوڪري ھن کي سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي بنيادي ميمبر شري سلامت پرسواٽيءَ وٺي ڏني ھئي. ضيا صاحب ۱۹۵۱ کان سنڌي ساھتيہ سڀا جو صدر رھندو آيو جو آخر تائين رھيو. ايتري وڏي عھدي ھوندي بہ قادر جي قدرت سان

ANMOL MOTIYUN JI MALHA

Poet : INDERLAL SOMANEY 'VERAGI'
Room No. 8, Bk. 1456, Section 31A,
Ulhasnagar-421 004.
Tel. : (R) 58 58 82 (O) 58 25 03

Published by : KUKREJA PUBLISHING HOUSE
B-41/245, New Blocks,
Ulhasnagar-421 005.
Tel. : 52 60 26

Cover Design : LACHMAN KUKREJA 'MUSAFIR'

Printed at : SUDHA OFFSET PRINTES
25, 1st Floor, Prin... Market,
Furniture Bazar, Ulhasnagar-421 003.
Tel. : 56 04 65

Year : 2001

Price : Rs. 50/-

انمول موتين جي مالها

ڪوي : اندرلعل سوماڻي ’ويراڳي‘
روم نمبر ۸، بئرڪ نمبر ۱۴۵۶
سيڪشن ۳۱-اي، اُلهاسنگر-۰۰۴ ۴۲۱.

پبلشر : ڪڪريجا پبلشنگ هائوس
بي ۴۱/۲۴۵، نوان بلاڪ
سنڌونگر-۰۰۵ ۴۲۱. فون : ۲۶ ۶۰ ۵۲

ڪور ڊزائين : لڇمڻ ڪڪريجا ”مسافر“

ڇپيندڙ : ’سُڌا آفسيٽ پرنٽرس‘
۲۵، پهريون ماڙو، پرنس مارڪيٽ،
فرنيچر بزار، اُلهاسنگر-۰۰۳ ۴۲۱
فون : ۶۵ ۰۴ ۵۶

سال : ۲۰۰۱


قيمت : ۵۰ روپيه

ڪنهن سياڻي جا وچن

(١) پنهنجي دوست کان ڪائي ڳالهہ لڪائڻ نہ گهرجي.
(٢) پنهنجي من جو ڀيد ڪڏهن بہ دشمن کي ٻڌائڻ نہ گهرجي.
(٣) آمدنيءَ واري پئسي کان وڌيڪ خرچ وڌائڻ نہ گهرجي.
(٤) ڀلو ڪرم ڪري پوءِ من ۾ پڇتائڻ نہ گهرجي.
(٥) پاپ ڪرم ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ من کي للچائڻ نہ گهرجي.
(٦) جتي آدرڀاءُ نہ ٿئي، ان گهر ۾ ڪڏهن بہ وڃڻ نہ گهرجي.
(٧) پنهنجي گهر ۾ آئي مهمان جو نرادر نہ ڪرڻ گهرجي.
(٨) رڻ ڀوميءَ ۾ وڃي ڪري موت کان منهن موڙڻ نہ گهرجي.
(٩) مصيبت اچي تہ ان کان ڪڏهن بہ گهبرائڻ نہ گهرجي.
(١٠) سڀئي جيو ايشور جو انس آهن، انهن کي ستائڻ يا مارڻ نہ گهرجي.
(١١) پنهنجي گروءَ، ماتا ۽ پتا سان ڪوڙو ڳالهائڻ نہ گهرجي.

★

C-S
163



اِندرلال سوماڻي 'ويراڳي'

جنم ۱ اپريل، ۱۹۲۷ع، ڪراچي ۾. وڏا اصل ٽڙڪاٽ شهر سنڌ جا وينل. هاڻي سنڌونگر ضلع ٿاڻا، مهاراشٽرا جو رهواسي، وڪيل، آزمودگار هوميوپئٿ، ۱۹۸۳ع ۾ هندوبا لا ڪاليج جو پارٽ ٽائيم پروفيسر، ويسٽرن ريلوي جي سڪيورٽي ڊپارٽمينٽ جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ آخر ۾ اسسٽنٽ سيڪيورٽي ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ڪري وري خانگي وڪالت ۾ واپس وريل. ۱ جنوري 1996ع کان مڪتي ڌوڙ ڪريميٽوريم (شمشان ڀومي) سنڌونگر-۲ جي پريزيڊنٽ جي عهدي تي چونڊيل. ڪافي سڌارو آنديل. ۱۵ آگسٽ ۱۹۹۱ع کان هم لوڳ سرڪل سنڌونگر-۲ جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي چونڊيل. سرڪل پاران مفت هوميوپٿي ڪلنڪ جو سپرويزن انچارج. گذريل سال اپريل-۲۰۰۰ کان پختي شاعر شري ليکمداس ڪڪريجا 'مسافر' جي سڪ ۽ پيار ۾ نزديڪ اچڻ سان شاعريءَ جو گيان حاصل ڪري رهيو آهيان ۽ هن جي رهنمائيءَ ۾ جيڪي به ڪويتائون، نظم، غزل، گيت، بيت، مضمون ۽ مقالا وغيره هندواسي، هندستان، هندو، نگر نيوز ۽ ٻين ڪن اخبارن ۾ ڇپيا ويا آهن تن جو مجموعو ڏاهي جيءَ انمول موتين جي مالها جي روپ ۾ پيش آهي.